WWW.PILDAT.ORG

پوزيشن پيپر

# پاڪستان جو پوليس سرشتو

آڪٽوبر 2015







پلڊاٽ
پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف
ليجسليٽو ڊولپمينٽ
اينڊ ٽرانسپيرنسي

WWW.PILDAT.ORG

پوزيشن پيپر

# پاکستان جو پوليس سرشتو

آکٹوبر 2015




پلڈاٹ
پاکستان انسٹیٹیوٹ آف
لیجسلیٹو ڈویلپمنٹ
اینڈ ٹرانسپیرنسی

پلڊاٽ هڪ خودمختيار، اڻ ڌريو، غير منافعي بخش، تحقيقي ۽ سکيا فراهم ڪندڙ مقامي ادارو آهي جنهن جو مشن پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن کي سگهارو ڪرڻ آهي.

پلڊاٽ هڪ غير منافعي بخش تنظيم آهي، جيڪا پاڪستان جي سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ 1860ع تحت رجسٽرڊ ٿيل آهي.

ڪاپي رائيٽ: پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ليجسليٽو ڊيولپمنٽ اينڊ ٽرانسپيرينسي _ پلڊاٽ

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

پاڪستان مان آگسٽ 2015ع ۾ ڇپرايل

ISBN: 978-969-558-528-3

هن اشاعت جو ڪوبہ حصو پلڊاٽ جو واضح حوالو ڏيئي پيهر شائع ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد آفيس: پي او باڪس نمبر 278، ايف ايٽ، پوسٽل ڪوڊ 44220، اسلام آباد، پاڪستان

لاهور آفيس: پي او باڪس 11098، ايل سي سي ايچ ايس، پوسٽل ڪوڊ 54792، لاهور، پاڪستان

اي ميل info@pildat.org ويب سائيٽ www.pildat.org

## سٽاءُ

ديباچو
ليکڪ بابت
خلاصو

تعارف 11
مسئلو 11

تاريخي پسمنظر 11

آئرلينڊ ڪانسٽيبلري ماڊل 12
لنڊن ماڊل 13
آئرلينڊ ۽ لنڊن ماڊل جو تقابلي جائزو 14
نيپيئر جو پوليس ڪاتو 14
نيپيئر جي پوليس ماڊل بابت دليل 15
پوليس سڌارن متعلق ايسٽ انڊيا ڪمپني جو تاريخي فيصلو 15
پوليس ايڪٽ 1861 17
ٻٽي ڪنٽرول جو پوليس نظام 19
پوليس ڪميشن 03_1902 19

پوليس سڌارن جي سياست 20
جامع پوليس سڌارن ڏانهن قدم 23
پوليس آرڊر 2002 28
پوليس آرڊر (ترميمي) آرڊيننس 2004 30
پوليس آرڊر 2002 جي قانوني حيثيت 35
پوليس آرڊر 2002 جي موجوده صورتحال 38
پنجاب پوليس آرڊر (ترميمي) ايڪٽ 2013 39
سنڌ پوليس ايڪٽ (2014) مسودو 40

پوليس جي بنيادي ڍانچي ۽ استعداد ۾ اضافي بابت معاملا 41
فنگرپرنٽ جي نشاندهي جو خودڪار نظام (اي ايف آءِ ايس) 41
Automated Fingerprint Identification System (AFIS)
پوليس ريڪارڊ ۽ آفيس مينيجمنٽ بابت ڄاڻ جو نظام (پروميس) 41
Police Record and Office Management Information System (Promis)
ٽرنڪ ريڊيو جو قومي سطح تي مربوط نظام 41
Nationwide Integrated Trunk Radio System (NITRS)
نيشنل فارينسڪ سائنس ايجنسي (اين ايف ايس اي) 42
National Forensic Science Agency (NFSA)

بلوچستان جي ”بي“ علائقي جي ”اي“ علائقي ۾ شموليت 43
بلوچستان ڪانسٽيبلري ڪي متعارف ڪرائڻ 43
صوبي ۾ استعداد ۾ اضافي جون ڪوششون 43
ڪارڪردگي ۽ اهليت جو بحران 44
سڪيا 45
سياسي بنيادن تي ڪيل ڀرتيون، مقرريون ۽ ترقيون 46

نظام جا مسئلا 47
پوليس جي نامناسب سگهه ۽ بجيٽ جو کوٽ 47
تنظيمي عهدن بابت معاملا 48
ڳجهي معلومات بابت بي اثر سهڪار 48
دهشتگردي جا معاملا 49
اين جي اوز ۽ سول سوسائٽي جو پوليس سڌارن ۾ ڪردار 50
خراب پوليس سرشتي جون پيچيدگيون 51
علائقائي ۽ بين الاقوامي سطح تي ورتل بهتر ڪوششون 53
پيليان (Peelian) جا اصول 53
سر رابرٽ مارڪ جا اصول 54
گڏيل قومن پاران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ جوڙيل ضابطا 54
اڳيان وڌڻ جو رستو 54

جمهوري پوليس نظام جا اصول 56
حوالا 58

ضميمو الف: پاڪستان ۾ آندل مک پوليس سڌارا 60

## ديباچو

پلڊاٽ پاڪستان ۾ پوليس، قانوني ڪاروائي (پراسيڪيوشن) ۽ مفت قانوني سهائتا فراهم ڪرڻ جي حوالي سان سڌارا آڻڻ لاءِ قومي ۽ صوبائي سطح تي قانونسازي ۽ پاليسي ايڊووڪيسي لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون آهن. ان ڏس ۾ پلڊاٽ مختلف ماهرن جون خدمتون حاصل ڪيون آهن ته جيئن تحقيق ذريعي تحقيقي پوزيشن پيپر ۽ لاڳاپيل شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا صلاحڪاري اجلاس ڪوٺرائي پاليسي سڌارن لاءِ سفارشون جوڙي سگهجن ۽ انهن کي حقيقي طور تي عمل ۾ تبديل ڪري سگهجي.

هي پوزيشن پيپر پاڪستان ۾ موجوده پوليس سرشتي جو جائزو پيش ڪري ٿو ۽ ان جي ڪمزورين کي گهرائي سان جانچيندي مقننه ۽ انتظاميه لاءِ متبادل پاليسين تي غور تي زور پري ٿو.

### مڃتا


”پاڪستان جو پوليس سرشتو“ جي عنوان تي هي پوزيشن پيپر تمغه شجاعت، هلال امتياز ماڻيندڙ ۽ سنڌ ۽ بلوچستان جي اڳوڻي آءِ جي پوليس، ڊاڪٽر شعيب سڊل پاران لکيو ويو آهي. ان پيپر کي پلڊاٽ پاران ” پوليس، قانوني ڪاروائي ۽ مفت قانوني سهائتا فراهم ڪرڻ لاءِ سڌارا آڻڻ واري پروگرام“ تحت ڇاپيو ويو آهي ۽ ان لاءِ پلڊاٽ کي the Enhanced Democratic Accountability and Civic Engagement (EDACE) جي هڪ پراجيڪٽ تحت Development Alternatives Inc. (DAI) جي مالي سهائتا حاصل آهي.

### پڌرائي

هن پيپر ۾ اظهار ڪيل راءِ مڪمل طور تي ليکڪ پاران پيش ڪيل آهي ۽ اهو ضروري ناهي ته سندس پاران پيش ڪيل تجزئي ۽ موقف کي ڊي اي آءِ (DAI) جي تائيد حاصل هجي .

اسلام آباد
آڪٽوبر 2015

# ليکڪ بابت



ڊاڪٽر شعيب سڊل هڪ اين جي او ”سيفر ڪميونيٽيز فائونڊيشن“ (ايس سي ايف) جو سربراهه آهي. ايس سي ايف سيڪيورٽي اينڊ ايڪسچينج ڪميشن آف پاڪستان تحت رجسٽرڊ ٿيل تنظيم آهي. ايس سي ايف جو مقصد ڪرمنالاجي ۽ عدالتي سائنس جي شعبي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق ڪرڻ، پاڪستان ۾ قانون جي عملداري ۽ پوليس جي جمهوري نظام کي لاڳو ڪرڻ آهي. ڊاڪٽر سڊل گلوبل ٿنڪ ٽينڪ نيٽ ورڪ، نسٽ جو سينيئر فيلو به آهي ۽ پلڊاٽ جي ”پاڪستان ۾ حڪمراني جي معيار جي تشخيص“ بابت جوڙيل نگراني ڪميٽي جو ميمبر پڻ آهي. بين الاقوامي پوليس ايسوسي ايشن پاڪستان جوصدر، Asia Crime Prevention Foundation, Tokyo جو ڊائريڪٽر ۽ Asia Crime Prevention Foundation Pakistan جو ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر به آهي.

ڊاڪٽر سڊل ناميارو سرڪاري آفيسر رهي چڪو آهي ۽ پاڪستان لاءِ چاليهه سالن تائين خدمتون انجام ڏيندو رهيو آهي. هن پنهنجي ڪيريئر جي شروعات 1973 ۾ اي ايس پي طور ڪئي ۽ مختلف اهم آپريشنل ۽ اسٽريٽيجڪ عهدن تي مقرر رهيو. 96-1995 دوران ڪراچي ۾ پوليس سربراهه مقرري طور دهشتگردي کي چٽڻ سبب سندس نالو انتهائي احترام سان ورتو ويندو آهي. قومي تعميرنو بيورو ۾ ڪنسلٽنٽ طور مقرري دوران پاڪستان ۾ 141 سال پراڻي پوليس سرشتي کي تبديل ڪندڙ پوليس آرڊر 2002 واري قانون جو گڏيل ليکڪ هو. 9/11 واري واقعي جي ٽن ڏينهن بعد هن کي بلوچستان جو آءِ جي مقرر ڪيو ويو. بلوچستان ۾ ٽن سالن تائين مقرري دوران هن پوليس سرشتي ۾ سڌارا آڻڻ واري چيلنج کي قبول ڪيو ۽ ڪاتي ۾ تاريخي تبديلي آڻيندي پوليس کي صوبي جي 5 سيڪڙو تائين محدود ڪرڻ بدران ان ۾ غير معمولي اضافو آندو. 2004 ۾ هن کي گهرووزارت جي نيشنل پوليس بيورو جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو. هن اهم عهدي تي مقرر دوران پوليس جي نئين سري سان تنظيم سازي ۽ دهشتگردي کي ٻنجو ڏيڻ جون اثرائتيون پاليسيون جوڙيون. 2008 ۾ سنڌ جو آءِ جي مقرر ٿيڻ بعد هن کي پاڪستان جي سول ڳجهي اداري انٽيليجنس بيورو جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو. سندس سرڪاري آفيسر طور آخري مقرري آئيني عهدي وفاقي ٽيڪس محتسب (2009 کان 2013) طور هئي. 2011 ۾ ٽرانسپيرينسي انٽرنيشنل پاران 2011 جي هڪ رپورٽ موجب سندس مقرري دوران ٽيڪس محتسب کي بهترين ڪارڪردگي جي بنياد تي 90 سيڪڙو جي غيرمعمولي ريٽنگ ڏني وئي ۽ ان کي پاڪستان جو شفاف ترين ۽ سڀني کان اهل سرڪاري ادارو قرار ڏنو ويو.

ڊاڪٽر سڌل کي نه رڳو پاڪستان پر سموري ڏکڻ ايشيا ۾ پوليس سڌارن ۽ دهشتگردي کي ڀڃو ڏيڻ لاءِ ماهر طور سڃاتو وڃي ٿو. هو United Nations Asia and Far East Institute on Crime Prevention and Treatment of Offenders (UNAFEI), Tokyo جو ڪرمنل جسٽس ماهر پڻ آهي ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪي ۽ بين الاقوامي تنظيمن جهڙوڪ گڏيل قومن جي منشيات ۽ ڏوهن خلاف قائم اداري لاءِ خدمتون پڻ انجام ڏيندو رهي ٿو.

ڊاڪٽر سڌل ڪرمنالاجي جي شعبي ۾ ماسٽرز ۽ ڪارڊف يونيورسٽي ويلز مان وائيٽ ڪالر ڪرائيم ۾ پي ايچ ڊي به ڪري چڪو آهي. انهي ڪانسواءِ گورنمنٽ ڪاليج يونيورسٽي لاهور ۽ پنجاب يونيورسٽي مان ايل ايل بي جي ڊگري به رکي ٿو. سندس پاڪستان ۽ پرڏيهه مان ڪيترا ئي ڪتاب، تحقيقي مقالا ۽ مضمون  شائع ٿي چڪا آهن.

ڊاڪٽر سڌل پاڪستان جي انهن چند آفيسرن مان آهي جنهن کي ڪيترائي سرڪاري اعزاز ملي چڪا آهن. سندس پاران حاصل ڪيل سول اعزازن ۾ 1996 ۾ فرضن جي ادائيگي ۾ غير معمولي جرئت جو قومي اعزاز هلالِ شجاعت، 2008 ۾ اعلي ڪارڪردگي لاءِ قومي ايوارڊ هلالِ امتياز، 1993 ۾ قائداعظم پوليس ميڊل ۽ 1981 ۾ صدارتي پوليس ميڊل شامل آهن.

# خلاصو

گذريل ڪجهه سالن ۾ پاڪستان ۾ امن امان جي صورتحال لاڳيتو خراب ٿيندي رهي آهي. بدقسمتي سان ملڪ ۾ قانون لاڳو ڪندڙ بنيادي ايجنسي جهڙوڪ پوليس کي وڌندڙ ذميوارين خاص طور تي خوفناڪ ڏوهن ۽ دهشتگردي کي ٻنجو ڏيڻ ۾ نا اهل سمجهيو وڃي ٿو. پوليس کي انهي نااهلي، عوام سان رابطو نه هجڻ ۽ گهڻو ڪري ڪرپشن ۽ سياستدانن جي ڪمداري سبب سخت تنقيد جو نشانو بڻايو ويندو آهي.

ورهاڱي کان بعد انگريزن کان ورثي مان مليل پوليس سرشتي ۾ ڪي به حقيقي يا ذڪر جوڳا سڌارا نه آندا ويا آهن ۽ نه ئي وري ڪاتي جي نئين سري سان تنظيم سازي ڪئي ويئي آهي. ان ڏس ۾ ڪي چند ڪوششون ضرور ٿيون پر انهن کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي عملدرآمد کان سواءِ ئي مدي خارج ۽ غيراثرائتو قرار ڏنو ويو. پاڪستان ۾ هڪ صدي کان لاڳو پوليس ايڪٽ 1861 کي تبديل ڪندي 14 آگسٽ 2002 تي چئني صوبن ۾ پوليس آرڊر 2002 کي لاڳو ڪيو ويو پر اسلام آباد، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير انهي قانون کان آجا هئا.

هن پوزيشن پيپر ۾ پوليس سرشتي ۾ سڌارن تي عمل درآمد جي کوٽ وارن عنصرن جهڙوڪ پوليس ۾ سياسي بنيادن تي ٿيندڙ مقررين ۽ ترقيون، بجيٽ جي اڻاٺ ۽ ٻين جي پيٽ ۾ ڪمزور ڍانچي جهڙن معاملن تي بحث ڪيو ويو آهي.

غير سرڪاري طور تي اين جي اوز پاران پوليس سڌارن جي ڏس ۾ ڪجهه ڪوششون ورتيون ويون ته جيئن پاڪستان ۾ پوليس ڪاتي تي لڳل انهي داغ کي لاهي سگهجي. انهن ڪوشش جي نتيجي ۾ پوليس جي ڪارڪردگي جي حوالي سان ڪنهن حد تائين جاڳرتا پيدا ٿي ۽ پوليس جي اڻنگي ورتاءُ وارن معاملن کي وائکو ڪيو ويو، جنهن سان پوليس ۾ شفافيت، اثرائتي احتساب ۽ سڌارا آڻڻ واري مطالبي زور پڪڙيو.

جڏهن ته انهن سمورين ڪوشش جي باوجود اهي گهربل سڌارا نه اچي سگهيا جيڪي پاليسي سطح تي مستقل حڪمت عملي ذريعي آڻڻا هئا. انهن سڌارن جا بنيادي اشاريا جهڙوڪ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ ڍانچي ۽ اختيارن جي توازن، عدالتي ادارن، فوج ۽ سياسي پارٽين جو ملڪي انتظامي معاملن ۾ مداخلت، پبلڪ پراسيڪيوشن ۽ بچاءُ جي وڪيلن ۽ خاص موقعن تي پوليس جو ڪردار ۽ پوليس پاران قانون جي حڪمراني جي قيام کي سگهارو ڪرڻ ۽ منفي تاثر جي خاتمي لاءِ عوام جو اعتماد حاصل ڪرڻ وغيره شامل آهن.

هي پوزيشن پيپر پاڪستان جي پوليس سرشتي ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ انيڪ سفارشون پيش ڪري ٿو. ”شهري سڀ کان پهرين“ واري پاليسي سان يقيني طور تي عوام ۾ اعتماد جي بحالي ۽ اهو پڻ ثابت ڪرڻ ۾ مدد ملندي ته عوامي تحفظ ۽ پوليس جي احتساب جو معيار بهتر ٿيو آهي. اهو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو جڏهن پوليس قيادت گهٽ ۾ گهٽ هيٺ ڏنل اهم مقصد حاصل ڪندي.

1. پوليس جي اهم عهدن تي مخصوص مدي لاءِ مقرري
2. پوليس کي سياست کان آجو ڪرڻ
3. پوليس جي اهليت ۽ استعداد ۾ اضافي لاءِ جوڳا اپاءُ
4. هيٺين رينڪ واري پوليس عملي جي ڪم ڪرڻ واري ماحول ۾ بنيادي تبديلي
5. گهربل بجيٽ جي فراهمي
6. پوليس بابت عوام کي ڊيچاريندڙ اداري کان عوام دوست تاثر ۾ تبديلي

اهو تمام ضروري آهي ته پوليس جي نئين سري سان تنظيم سازي ڪئي وڃي ته جيئن اها سياسي طور تي اڻ ڌري، غيرآمراڻي، عوام جي رسائي ۽ جوابدي، پيشيوراڻي طور بهتر منظم ٿيل ۽ آخر ۾ قانون جي عملداري لاءِ بنيادي ذريعو بڻجي وڃي. سياسي نيت ۽ پختي ذهن واري پوليس قيادت سان ئي سڌارن جي ان سفر جي منزل کي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## تعارف

پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني کي سگهارو ڪرڻ لاءِ پوليس سڌارا متعارف ڪرائڻ پهرين ترجيح هئڻ گهرجي. ماضي ۾ ٿيندڙ ڪوشش جي باوجود پاڪستان ۾ پوليس سڌارن کي ترقي لاءِ ترجيح نه سمجهيو ويندو آهي. پوليس سڌارن ۾ گهري دلچسپي ۽ عمل درآمد سان ئي پاڪستان ۾ انساني تحفظ، سماجي ۽ اقتصادي ترقي لاءِ عدل، ذميدار، اخلاقي ۽ اثرائتي انصاف جو نظام ممڪن بنائي سگهجي ٿو. ان سان اها حقيقت پڻ آشڪار ٿي آهي ته انهي جي اڻ هوند سبب پاڪستان ۾ امن امان جو بحران ويتر اونهو ٿيو آهي ۽ پوليس گذريل ڪجهه سالن ۾ خطرناڪ ڏوهن ۽ دهشتگردي سان مهاڏو اٽڪائڻ واري وڌندڙ ذميداري کي نڀائڻ ۾ ناڪام نظر آئي آهي.

### مسئلو

پاڪستان ۾ پوليس سرشتي جي ناڪامي آڏو ڪجهه بنيادي ڏکيائون هيٺ ڏجن ٿيون

1. قانون ۽ ادارتي ڍانچي جو مدي خارج سرشتو (اهو سرشتو بنيادي طور تي 19هين صدي ۾ انگريز راڄ کي ڳوٺاٽي سطح تي مضبوط بنائڻ لاءِ متعارف ڪرايو ويو هو، جنهن ۾ وڌندڙ شهرڪاري ۽ صنعت ڪاري کي سامهون نه رکيو ويو هو)
2. رياست جي انتظامي اختيارن پاران پوليس جو هر سطح تي ڏريو ۽ تصوراتي (بد) انتظام، جيڪو نااهل ۽ ڪمدار ذهنيت واري پوليس قيادت ذريعي هلايو وڃي ٿو
3. نامناسب احتساب
4. انعام يا ترغيبات ڏيڻ جو خراب نظام
5. هرسطح تي موجود ڪرپشن
6. وسيلن جي انتهائي کوٽ
7. انگريزن جو ڇڏيل مدي خارج پوليس سرشتو جنهن ۾ پوليس انتظاميه جي مڪمل ماتحت آهي
8. پوليس نه جمهوري طور ضابطي ۾ آهي ۽ نه سياسي طور تي اڻ ڌري
9. پوليس نه سماجي طور ذميدار آهي ۽ نه ئي ان کي ڪميونٽي جي حمايت حاصل آهي
10. امن امان برقرار رکڻ جي ھڻي ذميداري
11. پوليس ۾ سياسي طور تي ڪيل ڀرتيون، مقرريون ۽ ترقيون
12. خاص طور تي پوئتي پيل ۽ ڪمزور طبقي کي تحفظ ڏيڻ لاءِ گهربل سکيا جي کوٽ
13. سطحي وقار ۽ ايمانداري
14. پيشيوراڻي کوٽ
15. پوليس ۾ هر سطح جي اهلڪارن جو ڪميونٽي سان سهڪار نه ڪرڻ وارو ڪردار ۽ ڪميونٽيز کي ڏوهن جي خاتمي ۾ شامل نه ڪرڻ

## تاريخي پس منظر

پنهنجي آزادي کانپوءِ 1947 ۾ پاڪستان کي 80 سال پراڻو پوليس سرشتو ورثي ۾ مليو. اهو پوليس سرشتو جيڪو 1861 ڌاري انهي ڪري نه جوڙيو ويو هو ته انگريزسرڪار کو انصاف تي ٻڌل سرشتو آڻڻ چاهين ٿي يا پوءِ هو قانون جي حڪمراني جو درد رکن ٿا بلڪه انهي ڪري لاڳو ڪيو ويو هو ته جيئن بيٺڪي راڄ کي سگهارو ڪري مقامي آبادين کي دٻائي رکجي. پوليس کي ”عوام دوست“ بدران ”عوام ڊيڄاريو“ ايجنسي ٺاهيو ويو. انهي جو مقصد ماڻهن جي خدمت ڪرڻ بالڪل نه هو. پوليس کي ان وقت جي سياسي ۽

زميني حقيقتن کي نظر ۾ رکندي انگريز راڄ جي نظرئي موجب وجود ۾ آندو ويو. ان ڏس ۾ سنڌن مستقل ڳڻتي لينڊ روينيو اوڳاڙي ۽ امن امان برقرار رکڻ هو (ٻئي لفظن ۾ انهي پوليس جو مقصد ڏنڊي سان بيٺڪي راڄ کي هلائڻو هو). لينڊ روينيو ۽ امن امان برقرار رکڻ وارا ٻئي مقصد رڳو انگريز آفيسر، جنهن کي ڪليڪٽر، ڊسٽرڪٽ آفيسر، ڊپٽي ڪمشنر يا ڊسٽرڪٽ ميجسٽريٽ سڏيو ويندو هو ذريعي حاصل ڪيا ويندا هئا. ضلعي آفيسر مئجسٽريسي شعبي جو سربراهه به هو جنهن کي عدالتي اختيار حاصل هئا ۽ ڪيترن ئي ڏوهن ۾ جج جو ڪردار به ادا ڪندو هو.

انگريز راڄ ۾ پوليس سرشتي ۽ هڪ آزاد ملڪ جي پوليس سرشتي وچ ۾ ان بنيادي فرق کي سمجهڻ جي گهڻي ضرورت آهي. انگريز راڄ جي پوليس نيم فوجي، گهٽ پڙهيل، گهٽ اجورو ۽ اهڙن اهلڪارن جو مجموعو هئي جيڪا مقامي آبادي خلاف دشمني وارو رويو رکندي هئي، جڏهن ته هڪ آزاد ملڪ جي پوليس جو مقصد اهڙا معياري پيشيوراڻا آفيسر پوليس ۾ شامل ڪرڻ هوندو آهي جيڪي سماجي طور باشعور ۽ گهڻ نسلي معاشري ۾ عوامي حمايت ۽ اڻ ڌريي عمل ذريعي قانون جي عملداري قائم ڪري سگهن. انگريز راڄ جي پوليس حاڪميت ۽ آزاد ملڪ جي پوليس جو مقصد خدمت ڪرڻ هوندو آهي.

انگريز راڄ ۾ ڏوهن تي ضابطي ۽ انصاف جي انتظام جي اهڙي سخت ۽ اثرائتي پوليس سرشتي آڻڻ جو هڪ ٻيو مقصد اهو به هو ته جيئن يورپ جي وچولي طبقي کي هندستان ۾ واپار ڪرڻ ۽ سنڌن مفادن جي پورائي لاءِ تحفظ فراهم ڪري سگهجي. اهڙي سرشتي ۾ اها پوليس جيڪا جاچ ۽ ڪرمنل پراسيڪيوشن جي ذميوار آهي، مڪمل طور تي ضلعي آفيسر جي تابع هئي.

اهڙي قسم جو پوليس سرشتو نه رڳو پنهنجي ڪارنهوار ۽ تصور ۾ غلط آهي پر اصولي طور تي به تسليم نٿو ڪري سگهجي. اهو سرشتو انگريز راڄ کان اڳ ۽ قديمي هندستان واري دور ۾ عدالتي ۽ انتظامي معاملن کي ڌار ڪري هلائي ويندڙ سرشتي جي به ابتڙ هو. انگريز دور جي اهڙي سرشتي ۾ ضلعي آفيسر جي اهڙي دفاعي پوزيشن کي خود انيڪ برطانوي آفيسرن پاران تنقيد جو نشانو بڻايو ويو پر انهي جي باوجود هندستان ۾ برطانوي راڄ جا پير ڄمائڻ لاءِ انهي کي ”تمام ضروري“ قرار ڏنو ويو.

جيئن ته 1861 ۾ جوڙيل پوليس سرشتي جو پهريون مقصد انگريز راڄ کي مضبوط ڪرڻ هو، تنهن ڪري انهي جي حاصلات لاءِ آئرلينڊ جي ڪانسٽيبلري ماڊل تي عمل ڪيو ويو. ان ماڊل ۾ پوليس کي انگريز راڄ جي ايجنٽ يعني ضلعي آفيسر ماتحت 'direction and control' واري نظرئي تحت آندو ويو.

## آئرلينڊ جو ڪانسٽيبلري ماڊل

جيئن جيئن برطانوي راڄ جي شهنشاهيت وڌندي رهي، 1861 ۾ متعارف ڪرايل پوليس سرشتي کي مثالي سمجهيو ويندو رهيو. اهو پوليس سرشتو بنيادي طور تي آئرلينڊ ڪانسٽيبلري ايڪٽ 1822 ۽ 1836 بعد واري حڪمراني (جتان جي ماڻهن ويسٽمنسٽر جي راڄ کي رد ڪري ڇڏيو هو) جي تجربي بعد لاڳو ڪيو ويو هو.

آئرلينڊ وارو ڪانسٽيبلري ماڊل مقامي آبادي جي حمايت بدران ويسٽمنسٽر جي قانوني تائيد حاصل ڪري ورتي هئي. [1] اهو ماڊل فوجي راڄ جو متبادل هو جنهن کي ڪابه عوامي حمايت حاصل نه هئي. سندس بنيادي ڍانچو مرڪزيت واري تصور وارو هو جنهن ۾ هڪ انفرادي سپاهي ڪان ويندي چيف ڪانسٽيبل ۽ پوءِ انسپيڪٽر جنرل ۽ انتظامي طور چيف سيڪريٽري ۽ لارڊ ليفٽيننٽ تائين chain of command جو نظام موجود هو.

انهي ماڊل جو هڪ وڏيڪ منفي پهلو اهو هو ته ان تحت هڪ سپاهي قانون بدران چيف ڪانسٽيبل کي جوابدي هو ۽ ساڳي طرح چيف ڪانسٽيبل پڻ مرڪزي حڪومت آڏو جوابدي هو.

آئرلينڊ ڪانسٽيبلري وارو اهو ماڊل امن امان جي مخصوص معاملن جي حل لاءِ جوڙيو ويو هو. [2]

> *'It is clear enough that from the point of view of the Colonies there was much attraction in an arrangement which provided what we should now call a 'para-military' organisation or gendarmerie, armed and trained to operate as an agent of the central government in a country where the population was pre-dominantly rural, communications were poor, social conditions were largely primitive, and the recourse to violence by members of the public who were 'agin the government' was not infrequent. It was natural that such a force, rather than one organised on the lines of the purely civilian and localised forces of Great Britain should have been taken as a suitable model for adaptation to colonial conditions.'*

## لنڊن پوليس ماڊل

ميٽروپوليٽن پوليس ايڪٽ 1829 انگريز راڄ جي جديد پوليس نظام واري اصول تحت لاڳو ڪيو ويو. شروعات ۾ پوليس جي نگراني اڳواٽ احتياط واري هئي، جنهن جو بنيادي طريقو پوليس اهلڪارن کي يونيفارم پارائي شهر ۾ ظاهري طور گشت ڪرائڻو هو. بيو طريقو حڪم ۽ ضابطي وارو هو جنهن ۾ پوليس جو نظام مرڪزيت ۽ نيم فوجي تنظيمي ڍانچي تي ٻڌل هو. ٽيون طريقو، پوليس اهلڪارن کي صابر، پنهنجي ذات ڪان مٿانهون ۽ پيشيوراڻو بنائڻو هو. چوٿون طريقو، انگريز ڪانسٽيبل کي ٽن بنيادي ذريعن جهڙوڪ بادشاهه يا ملڪه (حڪومت ۾ موجود سياسي پارٽي جي باوجود)، قانون ۽ شهرين جي حمايت ۽ رضامندي ذريعي پوليس نظام کي لاڳو ڪرڻو هو. آخر ۾ اسٽيبلشمنٽ، انتظاميه ۽ انضباطي ضابطن جا معاملا گهرو کاتي جي سيڪريٽري ذريعي هلايا ويندا هئا جڏهن ته پوليس جو جديد سرشتو مڪمل طور تي ميٽروپوليٽن پوليس، ٻن جوائنٽ ڪمشنر (هاڻي ڪمشنر) تي ڇڏيو ويو هو. ٻي لفظن ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ وٽ ظاهري يا غير ظاهري طور تي پوليس کاتي جي آپريشنز هلائڻ يا نگراني جو ڪوبه اختيار نه هو.

برطانيه ۾ پوليس ذريعي نگراني وارو عمل مٿي ڄاڻايل اصولن تحت ڪم ڪندو هو ۽ پوليس ايڪٽ ۾ چيف ڪانسٽيبل کي پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ جي مڪمل آزادي هئي. پوليس ايڪٽ تحت چيف ڪانسٽيبل انفرادي ڪيسن ۾ فيصلا ڪرڻ جي حوالي سان پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ ۾ روايتي جمهوري طريقا استعمال ڪرڻ جو پابند نه هو.

1 Mawby, R. I. (1990), *Comparative Policing Issues* (London: Unwin Hyman)
2 Jeffries, S. C. (1952), *The Colonial Police* (London: Max Parrish)

## آئرلينڊ ۽ لنڊن ماڊل جو تقابلي جائزو

قانوني حيثيت، ڍانچي ۽ ڪارونهوار جي طريقيڪار ڪي سامهون رکندي مابي جي 1990 ۾ ڪيل هڪ تحقيق موجب [3] آئرلينڊ ۽ لنڊن (برطانوي) پوليس ماڊل ۾ گهڻو فرق آهي. قانوني حيثيت جي حوالي سان برطانوي سرشتو باقاعدي قانون ۽ مڪاني حڪومت پاران احتساب ۾ هڪ اهڙي ذاري يا اجنبي اختياري ماتحت جوڙيو ويو آهي جنهن جو مقصد بيئنڪيت واري ماڊل کي مضبوط ڪرڻ آهي:

*'In the colonial system, the police not infrequently usurped the role of judge, jailer and executor. The 'order' imposed by the police did not automatically square with the 'law' with which it was habitually coupled.'[4]*

ڪنهن حد تائين اهو تصور پوليس سرشتي جي ڍانچي ۾ موجود آهي، جڏهن ته انگلينڊ جي پوليس فورس فوجي فيصلي سازي واري نظام بدران عدم مرڪزيت واري تصور هيٺ جوڙي ويئي آهي پر ان جي باوجود سينيئر پوليس آفيسرن کي فوج مان آندو ويندو هو چاڪاڻ ته انگريز راڄ کي فوجي حڪم واري نظام هيٺ هلايو ويندو هو. ان سرشتي ۾ اهلڪارن کي به گهڻو ڪري فوج مان آندو ويندو هو. انهن سينيئر آفيسرن کي اجنبين يا ذارين، فوجي سپاهين کان ذار ڪوارٽرن ۾ رهايو ويندو هو.

اهي ٻئي ماڊل پنهنجي ڪارونهوار ۾ به فرق رکن ٿا. انگريز نظام ۾ پوليس فورس سول ڏوهن جي سلسلي ۾ پنهنجي ذميواري نڀائيندي هئي پر انگريز راڄ جيان جنرل انتظامي معاملن ۾ سندن ڪردار بالڪل موجود نه هو. ٻيو اهو ته ان نظام ۾ پوليس کي رياست خلاف سياسي احتجاجن ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ذميواريون نڀائڻ ۾ ترجيح حاصل نه هئي. جڏهن ته انگريز نظام ۾ [5]:

*'The distinction between political and crime control function is largely a false one. To the colonial regime crime and politics were almost inseparable: serious crime was an implicit defiance of state authority and a possible prelude to rebellion; political resistance was either a 'crime' or the likely occasion for it. The resources and skills developed in combating one were freely employed in defeating the other.'*

جڏهن ته بنا ڪنهن اچرج جي هندستان ۾ هڪ نندي پيماني تي آندل فوج انتظامي، عدالتي ۽ آئرلينڊ ماڊل تي ٻڌل پوليس سرشتو لاڳو ڪندي ڌارين جي حاڪميت قائم ڪري ورتي هئي. جڏهن ته آمريڪا ۽ آسٽريليا جهڙا ملڪ جتي انگريز راڄ مڙهيو ويو هو ۽ اتي اصلوڪي آبادي به اقليت ۾ هئي ۽ پوليس جو سرشتو آڻڻ به ترجيح هئي تنهن ڪري اتي ڪلڪتا (هاڻي ڪولڪتا)، مدراس (هاڻي چناءِ) ۽ بمبئي (هاڻي ممبئي) جيان متبادل طور برطانوي پوليس سرشتو لاڳو ڪيو ويو.

## نيپيئر جو پوليس ڪاتو

ورهاڱي کان اڳ 1840 ڌاري سر چارلس نيپيئر سنڌ ۾ آئرلينڊ ماڊل هيٺ پوليس سرشتو لاڳو ڪيو ۽ ساڳي قسم جو نظام هندستان جي

---

3 Mawby, R. I. (1990), *Comparative Policing Issues* (London: Unwin Hyman)
4 Arnold, D. (1986), "*Police Powers in Colonial Rule: Madras 1859-1947*", (Oxford: Oxford University Press)
5 Ibid

جي مقصد هيٺ سول اختيارين کي سهائتا لاءِ مڪمل طور تي هڪ خود مختيار ادارو هجي پر رڳو پنهنجن پوليس آفيسرن جا حڪم مڃڻ جي پابند هجي.

جيتوڻيڪ نئين سرشتي ۾ پوليس کي سندس آفيسرن ذريعي لاڳو ڪرڻو هو جن جي بنيادي ذميواري ضابطو آڻڻ ۽ حڪم ڏيڻ هو، اهو نظام گهربل نتيجا نه ڏيئي سگهيو. درحقيقت تنظيمي طور تي ضلعي پوليس آفيسر لاڳاپيل صوبائي سربراهه، پوليس ڪيپٽين جي ماتحت هئا پر آپريشنز جي لحاظ کان اهي سول اختيارين جا حڪم مڃڻ جا پابند هئا. نتيجي طور پوليس جا سينيئر ترين آفيسر، ماتحت پوليس آفيسرن جا بهتر مينيجرز هئا پر عدالتي ۽ روينيو اوڳاڙي واري فرض سان گڏوگڏ ضلعي پوليس آفيسرن تي لاڳاپيل ضلعي ۾ امن مان برقرار رکڻ جي ذميواري به لاڳو هئي.

## نيپيئر جي پوليس ماڊل بابت دليل

بنيادي طور تي نيپيئر جو غيرمنطقي پوليس سرشتو، آئرلينڊ واري ماڊل کان شعوري فرار هو جنهن تي ان نئين ماڊل جو تخليقڪار پنهنجي منشا موجب عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو هڪ عجيب انتظام هو جنهن نظرئي سازن کي لوڏي وڌو هو پر انگريز راڄ کي مظبوط ڪرڻ ۽ مخصوص مقصد جي حاصلات ۾ درست هو.[8]

## پوليس سڌارن متعلق ايسٽ انڊيا ڪمپني جو تاريخي فيصلو

بين صوبن ۾ به مڙهيو ويو. پوليس فورس کي فوجي دستن جيان منظم ۽ هٿياربند ڪيو ويو. آئرلينڊ ڪانسٽيبلري جيان پوليس جي انهي فوجي ڍانچي، ڪارونهوار، بيرڪن ۾ رهائش ۽ قانوني تصور طور سماجي ڌوهن تي ضابطي جو ادارو بنايو ويو.

> *'It was not only the single men who lived in barracks; married constables and sub-constables were usually accommodated in the barracks with their wives and children; partly for their protection, partly to make it more difficult for them to form the 'local connection' which their senior officers greatly feared.'* [6]

نيپيئر [7] سول سروسز کي سخت شڪ جي نگاهه سان ڏسندو هو. سندس خيال هو ته ''سول سروس'I,
ز جي نظام جو بنياد جنهن ۾ بهترين آفيسرن کي خراب حڪمراني ڪرڻ جي اجازت آهي، غلط اصولن تي ٻڌل آهي.'' تنهن جي ڪري هن فيصلو ڪيو ته سندس نئون انتظام ڪاموراشاهي بدران سول سپاهين يا فوجي آفيسرن ذريعي هلائڻ گهرجي، جن کي هو ''گهٽ خرچ ۽ وڌيڪ سرگرم ۽ نتيجا ڏيندڙ'' سمجهندو هو. آئرلينڊ فوجي ماڊل جي پوئيواري ڪندي هن سنڌ جي سموري پوليس نظام کي پوليس ڪيپٽين ماتحت ڪري ڇڏيو هو.

نيپيئر جو ماڊل ٻن بنيادي اصولن تي ٻڌل هو. پهريون، پوليس کي هر صورت ۾ فوج جيان حڪومت جي سهائتا کان بالڪل ڌار رکجي ۽ ٻيو اهوته پوليس امن امان کي برقرار رکڻ

---

6 Tobias, J. J. (1977), 'The British Colonial Police: An Alternative Police Style', in P. J.
7 Napier, Sir W. (1851), *History of General Sir Charles Napier's Administration of Scinde* (London: Chapman and Hall)
8 Griffiths, Sir P. (1971), *To Guard My People: The History of the Indian Police* (London: Benn)

ظاهري طور تہ اها ڳالهہ ناقابل يقين آهي تہ لبرل سوچ رکندڙ برطانوي راڄ جي انتظامي عملدارن، اختيارن جي ورڇ کي رد ڪري ڇڏيو هو. حقيقت ۾ سندن اڪثريت اهڙي سوچ رکندي هئي پر عملي طور تي اهو سندن پختو موقف هو تہ پوليس جي طاقت ۽ ڪارروائي سان (گهٽي پاڳي انتظامي اختيارن جي حڪم تي) سولي نموني حاڪميت قائم ڪري سگهجي ٿي.

اهڙي لبرل سوچ رکندڙ ڪجهہ ماڻهن برڊ ڪميٽي جي 1838 واري رپورٽ ذريعي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. برڊ ڪميٽي کي اهو ٽاسڪ ڏنو ويو هو تہ اها لندن ۾ 1829 ۾ رابرٽ پيل جي فلسفي وارو آندل پوليس سڌارن جوجائزو وٺي ۽ انهي جي بنيادن تي هندستان ۾ ”گهربل“ پوليس سڌارا آڻي. نامناسب نگراني کي پوليس نااهليت جو سبب ڄاڻائيندي برڊ ڪميٽي سفارش ڏني تہ پوليس مٿان ڪنٽرول کي ڪليڪٽر بدران رڳو سينيئر پوليس آفيسر ذريعي ممڪن بنائي سگهجي ٿو.

برڊ رپورٽ اچڻ بعد ان تي بحث جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو. جنهن بعد لاڳو پوليس سرشتي تي 1855 ۾ ٽارچر ڪميشن فردجرم لاڳو ڪري ڇڏيو هو جنهن ۾ چيو ويو هو تہ مدراس جي روينيو اختيارين غريب هارين کان اوڳاڙين لاءِ ناجائز طور تي پوليس جا اختيار استعمال ڪيا. اهڙي تاريخي اڳيرائي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڊائريڪٽرن کي هندستان ۾ پوليس سڌارن جو نئين سري کان جائزو وٺڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو.

1856 ۾ دستياب شاهدين جي روشني ۾، ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڊائريڪٽرز سموري هندستان ۾ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جا پوليس وارا اختيار مڪمل ختم ڪرڻ واري واعدي تي پوليس جي انتظامي ڍانچي ۾ وڏيڪ تبديلين تي زور پريو. پوليس کي جديد ادارو بنائڻ واري اصول کي سامهون رکندي يورپين ماڊل اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو جنهن ۾ پوليس جا اهلڪار رڳو پنهنجي کاتي جي سينيئر آفيسرن جا حڪم مڃڻ جا پابند هوندا. 24 سيپٽيمبر 1856 تي اهم ترين پاليسي حڪم جاري ڪندي برٽش انڊيا پوليس کي چيو ويو تہ اها ڳالهہ ڊائريڪٽرز جي مشاهدي ۾ آئي آهي تہ پوليس پنهنجا گهربل فرض ادا ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ويئي آهي. انهن چيو تہ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ کي پوليس مٿان ٻي سبب يا ناقص اختيار ڏيڻ سبب پوليس پنهنجي فرضن جي ادائيگي ۾ ناڪام ويئي آهي. ڊائريڪٽرز جو چوڻ هو تہ :

> *'The management of the police of each district be taken out of the hands of the Magistrate and be committed to an European officer with no other duties and responsible to a General Superintendent of Police for the whole presidency.'*[9].

[9] Gupta, A. (1974), *Crime and Police in India (up to 1861)* (Agra: Sahitya Bhawan)

## پوليس ايڪٽ 1861

ڊائريڪٽرز جي 1856 واري پاليسي حڪمن تي عمل درآمد سان پوليس پنهنجن ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيئي سگهي پئي پر 1857 واري آزادي واري جنگ پوليس جي رٿيل لبرل منصوبي کي هيڪر تبديل ڪري ڇڏيو. معاملن کي اڳتي وڌائڻ بدران پوئتي ڌڪيو ويو ۽ پوليس جي ڪنٽرول کي وڌيڪ سگهارو ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو ڇاڪاڻ ته پاليسي ساز، پوليس اهلڪارن کي مقامي آبادين ۽ جنگ آزادي جي "وڳوڙين" جي قبضي ۾ اچڻ کان بچائڻ گهرندا هئا. پوليس کي انتظامي آفيسرن جي اختيارن کان ڌار رکڻ وارو سمورو تاريخي فيصلو واپس ورتو ويو ۽ ان ڳالهه تي گهڻو زور رکيو ويو ته پوليس ۽ عدالتي اختيار ساڳين هٿن ۾ هجڻ اٽڪر آهي ۽ ان سان ضلعي آفيسر، جونيئر رينڪ جي پوليس آفيسرن کي حڪمرانن جي تابع رکڻ ۾ وڌيڪ ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

پوليس ايڪٽ 1861 هيٺ صوبي جي پوليس سربراهه طور آءِ جي، ڪاتي ۾ پاليسي سازي ۽ حڪمن تي عمل درآمد جي حوالي سان خاص ذميواريون ۽ اختيار حاصل ڪري ورتا هئا. سندس مقرري مڪمل طور تي مرڪزي حڪومت جي هدايتن تحت ٿيندي هئي پر هڪ ڀيري مقرري بعد هن کي پوليس جي انتظام بابت سمورن معاملن ۾ صوبائي حڪومت جي صلاحڪار طور ڪم ڪرڻو هو.

پنهنجون ذميواريون نڀائڻ جي حوالي سان آءِ جي کي ڪيترن ئي لاڳاپيل حدن ۾ ڊي آءِ جيز جي سهائتا حاصل هئي. ڊي آءِ جيز کي ٽن کان چار ضلعن تي ٻڌل پنهنجي حدن ۾ ضلعي پوليس آفيسرن جي مجموعي نگراني جي ذميواري ڏني ويئي. ضلعي پوليس آفيسرن کي پنهنجي ضلعي حدن ۾ صلاح، رهنمائي، قيادت ۽ رابطي لاءِ ڊي آءِ جيز جي ماتحت بڻايو ويو هو.

بطور ضلعي پوليس سربراهه، ڊسٽرڪٽ سپرنٽينڊنٽ کي فورس جي اندرئين معاشي صورتحال، انتظام ڪاري ۽ نظم ضبط کي قائم رکڻ جي ذميواري ڏنل هئي ته جيئن هو ڏوهن جي شناخت ۽ ڀنجو ڏيڻ ۽ جاچ بابت فرضن جي ادائيگي ڪري سگهن.

## ٻٽي ڪنٽرول جو پوليس نظام

پوليس ايڪٽ 1861 تحت ضلعي پوليس آفيسر کي پنهنجي سينيئر پوليس آفيسر جا حڪم مڃڻ سان گڏوگڏ آپريشنل معاملن بابت ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جا حڪم به مڃڻا پوندا آهن. ايڪٽ جي سيڪشن 4 جي پيرا 2 موجب :

*'The administration of the police throughout the local jurisdiction of the magistrate of the district shall, under the '**general control and direction**' of such magistrate, be vested in a district superintendent and such assistant district superintendents as the Provincial Government shall consider necessary.'*

تنهن جي ڪري ان ايڪٽ تحت پوليس ضلعي سطح تي ٻٽي ڪنٽرول جي ضابطي ۾ هئي. سمورا انتظامي، فني، مالي، پيشيوراڻا ۽ تنظيمي ڪنٽرول سندن نائبن ذريعي آءِ جي وٽ هئا ۽ باقي مقامي انتظامي ڪنٽرول ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي حڪمن تحت هلايا ويندا هئا. جڏهن ته ضلعي پوليس آفيسرن ۽ سندن سينيئر آفيسرن جون مقرريون ۽ بدليون آءِ جي بدران صوبائي حڪومت جي انتظاميه وٽ هيون.

چاڪاڻ ته آئرلينڊ پوليس ماڊل جي نقصن جي گهڻي دير سان نشاندهي ڪرڻ ۽ انهي ۾ بهتري آڻڻ ۾ ناڪامي بعد 1861 واري پوليس ايڪٽ تي ان وقت جي قانونساز اسيمبلي مان منظوري جي پهرين ڏينهن بعد ئي تنقيد جو نشانو بنايو ويو. انهي کي لاڳيتو ”نئين بوتل ۾ پراڻي شراب“ ۽ ”پراڻي چهري ۾ هڪ نئون دوست“ وارين اصطلاحن سان ڳنڍيو ويندو رهيو. انهي جي باوجود انهي ايڪٽ کي انهي اميد سان منظور ڪيو ويو ته تمام ٿوري عرصي ۾ هندستان جي پوليس ۾ رابرٽ پيل پاران آندل سڌارن جيان تبديل ڪيو ويندو.

1870-71 ڌاري گورنر جنرل ڪائونسل جو رڪن ۽ انڊين سول سروس جو سياسي فلسفي دان، سر جيمس اسٽيفن انهي سموري بحث کي بنادير درست رخ ۾ بيان ڪري ٿو. اهو قبول ڪندي ته انگريز سرڪار ۾ انصاف جو انتظام غير اطمينان بخش آهي، جيمس خلاصي طور بيان ڪري ٿو ته

> *'The first principle to be born in mind is that the maintenance of the position of the district officers is absolutely essential to the maintenance of British rule in India and that any diminution in their influence and authority over the Natives would be dearly purchased even by an improvement in the administration of justice.'* [10]

گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه صوبن ۾ جتي ڪمشنر ڊويزن سطح تي، ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ضلعي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقي سطح تي انتظامي معاملن تي حڪم جاري ڪن پيا، اتي عملي طور زميني صورتحال پوليس جي ضابطي آڻڻ کان گهڻي بدتر آهي. درحقيقت پوليس قانون لاڳو ڪندڙ فورس طور امن امان برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي آءِ جي ۽ سندن نائبن جا حڪم مڃڻ بدران وڏي پيماني تي سول انتظاميه جي هٿن ۾ ڪيڏي پئي.

اڳپرائي بدران پوئتي موڪليندڙ اهڙا اپاءُ خاص طور پنهنجي سينيئر آفيسرن جي اختيارن ۾ لاڳيتو مداخلت بنجي ويئي ۽ ان جي نتيجي ۾ غلط سوچ سان جوڙيل پوليس تي ناڪاري اثر پيا. پيو اهو ته پوليس فورس جي نظم ضبط کي هاجو رسڻ سميت پوليس پاران ظلم ۽ پٽي بازي جهڙي شڪايتن ۾ بي پناهه اضافو ٿيو.

10 Gupta, A. (1979), *The Police in British India, 1861-1947*(New Delhi: Concept Publishing Company)

## پوليس ڪميشن 03-1902

20هين صدي جي شروعات ۾ صورتحال ان نهج تي وڃي پهتي جو گورنر جنرل لارڊ ڪرزن کي پوليس سڌارن کي هندستان جي انتظاميه لاءِ انتهائي تڪڙي گهرج طور آڻڻ جو اعلان ڪرڻو پيو. جنهن بعد جولاءِ 1902 ۾ پوليس جي صورتحال جاچڻ لاءِ مرڪزي صوبن جي چيف ڪمشنر سر اينڊريو فريزر جي سربراهي ۾ هڪ ڪميشن جوڙي ويئي.

ڪميشن پنهنجي رپورٽ 1903 ۾ جمع ڪرائي ۽ پنهنجو زوردار موقف بيان ڪندي چيو ته 1861 جو پوليس نظام مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪو آهي. ان جا سبب بيان ڪندي ڪميشن قرار ڏنو ته سول اختياريون، پوليس جي اختيار ۾ غير ضروري مداخلت ڪن پيون. رپورٽ ۾ چيو ويو ته،

> *"The purpose of Police Act 1861 was not to create a system of dual control but merely to provide for a reserve of authority outside the police organisation, to be exercised by the District Magistrate only sparingly and in very specific situations, while the day to day police work was to be directed and controlled solely by the senior officers of police,"* they said.

پر حيران ڪن طور تي فريزر ڪميشن بنيادي ۽ وچڙندڙ پوليس جي مسئلن جي حل لاءِ مناسب سفارشون نه جوڙي سگهي جنهن جي نتيجي ۾ پوليس ۾ اثرائتا سڌارا آڻتا هئا.

انهي جي باوجود ته پوليس سڌارا آڻڻ جي حق ۾ ٺوس ثبوت ۽ دليل موجود هئا ته پوءِ انگريز سرڪار چو گهربل سڌارا نه آڻي سگهي. انهي جو بنيادي سبب اهو هو ته سرڪار پوليس کي سول انتظاميه ماتحت نه بنائڻ جو پڪو پهه ڪري ويٺل هئي. سرڪار کي ان ڳالهه جي به پرواهه نه هئي ته لاڳو پوليس سرشتي سبب ڪرپشن ۾ واڌ، پيشيوراڻي مهارت جي کوٽ، پوليس جي من ماني ۽ عوام جو پوليس کان گهڻو فاصلو ٿي چڪو آهي. ان جو هڪ ٻيو سبب اهو به هو ته سرڪار پوليس آفيسرن ۽ سپاهه کي اتساهيندڙ يا مالي طور ترغيب ڏيندڙ ادارو بنائڻ لاءِ تيار نه هئي. ٻئي لفظن ۾ پوليس کي وڌيڪ بهتر ذهن آڻڻ لاءِ نه پئي هلايو ويو.

فريزر ڪميشن جي اڪيلي هندستاني ميمبر ۽ دربنگها جي مهاراجه پنهنجي اختلافي نوٽ ۾ چيو هو ته چورپڪڙيندڙ ۽ جج جو پاڻ ۾ موجوده نظام تحت ڳانڍاپو نظرئي ۾ انتهائي شڪي ۽ عمل ۾ يقيني طور تي غير معمولي آهي.

> *"The connection between the district superintendent and the magistrate needed to be severed entirely and completely, because as bed-fellows, they were capable of causing incalculable harm."*

سندس وڌيڪ چوڻ هو ته بنگال جي سندس ذاتي تجربي ان کي اهو تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ته پوليس ۽ مئجسٽريسي جي پاڻ ۾ ڳانڍاپي کي انصاف ۽ عدل جي عظيم مفاد ۾ ٽوڙڻ جي ضرورت آهي.

ستم ظريفي ته اها آهي جو اهڙي قسم جي لاڳيتو اظهار ڪيل مُدلِل، لبرل ، پيشيوراڻي ۽ عقل سان ڀرپور انيڪ موقفن کي انگريز سرڪار پنهنجي مفادن جي ابتڙ سمجهندي سدائين دٻائي ڇڏيندي هئي.

انگريز سرڪار جي بينٿيت واري فلسفي ۽ سندن رهنمائي جي اصولن هيٺ ڪم ڪندڙ پوليس حاڪمن جي ڪمداري وارو فرض بهتر

طريقي سان انجام ڏنو. سندن انهي ڪردار پوليس کي عوام کان گهڻو دور ڪري ڇڏيو هو ۽ اڪثر ڪري انگريز راڄ جي مخالفن خلاف جذباتي حملا ڪندڙ فورس بنجي ويئي هئي.

## پوليس سڌارن جي سياست

اها ڪيڏي نه دلچسپ ڳالهه آهي ته ورهاڱي کانپوءِ پاڪستان ۾ مدي خارج، انگريز سرڪار پاران ورثي ۾ مليل پوليس سرشتي ۾ سڌارن جي ساڳوڻي ڪوشش ڪي اڳتي وڌايو ويو. آگسٽ 1947 ۾ گورنر جنرل محمد علي جناح پاران شروعاتي حڪمن مان اهو به حڪم ڏنو ويو ته آئرلينڊ طرز جي پوليس نظام ۾ واضح تبديلي آڻيندي ڪراچي شهر لاءِ جديد پوليس سرشتي جو قيام عمل ۾ آندو وڃي. جنهن بعد سنڌ اسيمبلي فيبروري 1948 ۾ هڪ بل (XXV of 1948) منظور ڪيو. بل کي پيش ڪرڻ وقت ان جي مقصد ۽ سببن کي بيان ڪندي ان وقت جي وڏي وزير ايم اي کهڙو چيو هو ته :

> *'Sir, the Bill is a long one, but most of it is already in operation in Bombay and other cities. Karachi has very much developed and many more people have come in. The population has considerably increased and the police force in the present conditions will not be able to cope up with the situation. Therefore, like Bombay, we are going to appoint Commissioner of Police for the city of Karachi and give him powers which are identical to those which are given to Police Commissioner of Bombay. This is the main idea behind it. The powers that he will enjoy are in respect of curfews, processions, public meetings, permission of these, regulating arms and licences. I think it is high time that Karachi city should have a Bill like this. There should be a regular Police Commissioner for this city.'*

سنڌ اسيمبلي اهو بل 7 فيبروري 1948 تي منظور ڪري ورتو ۽ اسپيڪر، سنڌ جي گورنر جي نوٽ سان لاڳو ڪرڻ لاءِ گورنر جنرل کي اماڻي ڇڏيو. حيران ڪن طور تي گونر جنرل جي قانوني صلاحڪار منظور ٿيل قانون جي تصديق ٿيل نقل ۾ ”معمولي درستگيون“ ڪري سنڌ جي گورنر کي واپس اماڻي ڇڏيو ۽ چيو ويو ته اهي درستگيون ڪري بل کي ٻيهر جمع ڪرايو وڃي. سرڪاري ريڪارڊ موجب انهي جا سبب اجا تائين معلوم نه ٿي سگهيا آهن پر پوليس سڌارن جي سياست ان بل کي ٻيهر گورنر جنرل ڏانهن لاڳو ڪرڻ لاءِ رنڊڪ بڻجي ويئي، ڇاڪاڻ ته گورنر جرنل جي لاڳيتو بدتر ٿيندڙ صحت ان کي دفتري معاملن کان دور ڪري ڇڏيو هو ۽ هو بدقسمتي سان 11 سيپٽيمبر 1948 تي لاڏاڻو ڪري ويو ۽ اهو قانون لاڳو نه ٿي سگهيو.

1951 ۾ اڳوڻي سرحد ۽ هاڻوڪي خيبر پختونخواهه صوبي جي آءِ جي سر اوليور گلبرٽ گريس جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙي ويئي جنهن سفارش ڪئي ته ڪراچي جي لاءِ جوڙيل پوليس سرشتي جي بنياد کي تبديل ڪرڻ گهرجي. ان ڏس ۾ ڪامورڪي اشرافيه جي سخت مخالفت سبب ڪابه اڳڀرائي نه ٿي سگهي.

پاڪستان پوليس (ڪنٽينسٽائين) ڪميشن کي 1960-61 ڌاري ڪراچي جي ميٽروپوليٽن پوليس سرشتي کي تبديل ڪرڻ لاءِ خاص طور تي هندستان اماڻيو ويو پر ڪمشنرز کي به سفارشون نه جوڙڻ جو فيصلو ڪيو. انهن ”محسوس“ ڪيو ته ڇاڪاڻ ته گاديءَ واري شهر کي اڳيئي ڪراچي کان اسلام آباد منتقل ڪيو وڃي پيو، تنهن جي ڪري ڪراچي ۾ پوليس سرشتي ۾ تبديلي لاڳاپيل نه رهي آهي.

سال 1961-62 ڌاري جسٽس ڪارنيليئس جي سربراهي ۾ جوڙيل The Pay & Services Re-organisation

Committee سفارش ڪئي ته ڪراچي ۽ لاهور جهڙن وڏن شهرن ۾ ميٽروپوليٽن پوليس سرشتو متعارف ڪرايو وڃي پر ان وقت جي ”فيصلي سازن“ ڪي اهڙين سفارشن تي عمل درآمد ”قبول“ نه پيو.

1985 ۾ وزيراعظم محمد خان جوڻيجو پاران هڪ پوليس ڪميٽي [11] جوڙي وئي ته جيئن اهو جانچي سگهجي ته ڇا پوليس ايڪٽ 1861 تحت جوڙيل موجوده پوليس سرشتو خاص طور تي پاڪستان جي وڏن شهرن ۾ امن امان ڪي برقرار رکڻ واري چيلنج ڪي منهن ڏيڻ جهڙو آهي ۽ ڇا اتي دنيا جي ٻين وڏن شهرن جيان ميٽروپوليٽن پوليس جو سرشتو لاڳو ڪري سگهجي ٿو. معاملي جو گهرائي سان جائزو وٺڻ بعد ڪميٽي سفارش ڪئي ته موجوده پوليس سرشتو مدي خارج آهي ۽ ان جي بنيادي ڍانچي ۾ تبديلي آڻڻ جي گهرج آهي ۽ ان ڪي 5 لکن کان مٿي واري آبادي وارن سمورن شهرن ۾ ميٽروپوليٽن پوليس سان تبديل ڪرڻ گهرجي. انهن سفارشن ڪي هڪ وزارتي ڪميٽي پڻ منظور ڪري ورتو پر 6 جنوري 1987 تي وفاقي ڪابينه جي هڪ خصوصي اجلاس ۾”فيصلو“ ڪيو ويو ته وزارتي ڪميٽي جا سمورا رڪن ۽ گهرو وزارت جي ايڊيشنل سيڪريٽري ڪي هندستان ۽ بنگلاديش جي دوري تي موڪليو وڃي جيئن هو پوليس ڪميٽي پاران سفارش ڪيل پوليس سرشتي جو اڀياس ڪري سگهن. واضح رهي ته بنگلاديش جيڪو اڳ ۾ 1971 تائين اوڀر پاڪستان 1861 واري پوليس سرشتي ڪي تبديل ڪندي ڍاڪا ۾ 1976، چٽاگانگ ۾ 1978، کلنا ۾ 1987 ۽ راجشاهي ۾ 1992 ڌاري ميٽروپوليٽن پوليس جو نظام لاڳو ڪري چڪو هو.

1861 جي پوليس سرشتي جي فائدي ۽ نقصان بابت ماهرن سان تفصيلي بحث، تحقيق ۽ انٽرويو بعد به رڪني وفد ان ڳالهه تي مڪمل طور تي سهمت هئا ته ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ترجيحي بنيادن تي پوليس ڪميٽي پاران سفارش ڪيل پوليس سرشتي ڪي تجرباتي طور لاڳو ڪيو وڃي. پر ان تي ڪا اڳڀرائي ٿيڻ کان اڳ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر وقت ۽ حالتن اسٽيٽس ڪو ڪي جاري رکندڙ قوتن جو ساٿ ڏنو. مئي 1988 ۾ جوڻيجو حڪومت ڪي هٽايو ويو ۽ پوليس جي نئين سري سان تنظيم سازي واري بحث ۽ ڪوشش ڪي هڪ نئون ڌڪو لڳو ۽ معاملو هڪ ڀيرو ٻيهر رولڙي جو شڪار ٿي ويو.

نئين چونڊيل حڪومت جي اچڻ ڪانپوءِ وزيراعظم بينظير ڀٽو پاران 12 اپريل 1989 تي پوليس سروس آف پاڪستان [12] جي هڪ اجلاس ڪي ڪيل تاريخي خطاب دوران اعلان ڪيو ته پراڻي پوليس سرشتي ڪي ملڪ جي چونڊ وڏن شهرن ۾ تجرباتي بنيادن تي نئين ۽ جديد ميٽروپوليٽن پوليس نظام سان تبديل ڪيو ويندو.

انهي کان جلد پوءِ وزيراعظم بينظير ڀٽو غير معمولي طور تي سموري پوليس عهدن ڪي اپ گريڊ ڪري ڇڏيو. (ڪانسٽيبل ڪي 2گريڊ کان 5گريڊ، هيڊ ڪانسٽيبل ڪي 3گريڊ کان 7گريڊ، اي ايس آءِ ڪي 5گريڊ کان 9گريڊ، سب انسپيڪٽر ڪي 11گريڊ کان 14گريڊ، انسپيڪٽر ڪي 14گريڊ کان 16گريڊ، سينيئر سپرينٽنڊنٽ آف پوليس ڪي 18هين کان 19هين گريڊ، ڊي آءِ جي ڪي 19هين کان

[11] The author was Member / Secretary of this Committee.

[12] As Secretary General of Police Service of Pakistan (PSP) Association, the author played a key role in shaping the historic reform package announced by Prime Minister Bhutto. Not only did he write the speech the President of PSP Association delivered at the occasion, he had the rare honour of writing the Prime Minister's speech as well.

20هين گريڊ ۽ آءِ جي کي 20هين ۽ 21هين کان 22هين گريڊ ۾ اپ گريڊ ڪيو ويو). وزيراعظم 8 سينيئر ايڊيشنل/آءِ جي پوليس کي هڪ حڪم نامي نمبر No FDS (IMP)/PMDIR/114/89 dated 04.05.198 تحت 22هين گريڊ ۾ ترقيون ڏيڻ جا حڪم پڻ جاري ڪيا. جڏهن ته انهي کان بعد ۾ گهرو وزارت جي سيڪريٽري جي سربراهي ۾ هڪ ٻيو وفد هندستان ۽ بنگلاديش موڪلڻ جو ”فيصلو“ ڪيو ويو. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته هن وفد به واپس اچڻ بعد پنهنجي رپورٽ ۾ 1861 واري پوليس سرشتي کي تبديل ڪرڻ جي انتهائي ”سگهاري“ سفارش جمع ڪرائي.

ملڪه برطانيه جي چيف انسپيڪٽر آف ڪانسٽيبلري سر رچرڊ براٿ هڪ چار رڪني وفد سان 21 کان 26 جنوري 1990 دوران پاڪستان جو دورو ڪيو. وفد زوير پريو ته پاڪستان جي موجوده پوليس اسٽيبلشمنٽ ۾ مقررين وارو طريقيڪار ورهاڱي کان اڳ انگريز راڄ جو تسلسل آهي، جيڪا بنيادي طور تي حاڪمن پاران مقرري هوندي هئي، تنهن جي ڪري پوليس جو سمورو سرشتو ۽ ڍانچو 1985 ۾ جوڙيل پوليس ڪميٽي جي سفارشن جي روشني ۾ تبديل ڪيو وڃي. وفد پنهنجي رپورٽ ۾ چيو ته:

*“The central problem surrounding police … in Pakistan is that the present system was created many years ago under colonial rule and has not been refined or evaluated to keep pace with the changing face of the country in the last decade of the twentieth century … Police … throughout Pakistan has clung to the role envisaged by the Police Act of 1861, in which the main functions were the maintenance of law and order and preservation of the status quo by methods of suppression and control.”*

پهرين مارچ 1990 تي پوليس سڌارن تي عمل درآمد لاءِ جوڙيل پوليس ڪميٽي پنهنجي حتمي رپورٽ ۾ انهي ڳالهه کي ورجايو ته وزيراعظم جي هدايتن تحت ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ميٽروپوليٽن سرشتي کي لاڳوڪري بنادير عمل درآمد شروع ڪيو وڃي.

گڏيل قومن جي ڏوهن جي خاتمي ۽ انصاف بابت اداري جي صلاحڪار ايم ڊيل بيونو هڪ مشن جي سربراهي ڪندي 26 مارچ کان پهرين اپريل 1995 تي پاڪستان جو دورو ڪيو. مشن واضح طور تي پنهنجي سفارشن ۾ زور پريو ته ملڪ جي هر سطح تي موجود سياسي قيادت کي پهرين قدم جي طور تي بنيادي پاليسي جوڙيندي انهن عزم جو اظهار ڪرڻ گهرجي ته حڪومتي جمهوري ادارن جي ترقي لاءِ هڪ اثرائتو، عمل جوڳو، خودمختيار ۽ عوام آڏو جوابدي پوليس سرشتو اٽٽر آهي. گڏيل قومن جي وفد پنهنجي رپورٽ ۾ چيو ته :

*“The present crisis comes as no surprise. Since 1960, there have been eleven separate committees or commissions established by governments in Pakistan and four international missions requested by the Government of Pakistan which have recommended major reforms of policing in Pakistan. These have for the most part been ignored and the remedies suggested have been unimplemented. Had the proposed reforms been undertaken, much of the present crisis could have been avoided… The present police system, which has been allowed to deteriorate so badly by successive governments and been so abused for political patronage, has not yet completely broken down due to the dedication, integrity, initiative and professionalism of a large number of individual officers and constables. In spite of their best efforts, policing will collapse*

# جامع پوليس سڌارن ڏانهن قدم

بيروني طور تي عوام سان تعلقات ۽ اندروني طور تي گهري بحران جي منهن ڏيندڙ 1861 وارو پوليس سرشتو انگريز راڄ کان 1947 ۾ آزادي ملڻ ڪانوڻي اڄ تائين سماجي تبديلي جي آسري تي رهيو آهي. اهو بالڪل ائين آهي جيئن ڪو بالغ شخص اها اميد ڪري ته هو ننڍڙي ٻار جو گاڏو هلائي سڌي روڊ تي هڪ شهر کان ٻئي شهر ويندو. اهو ايستائين ممڪن نه آهي جيستائين تباهه ٿيل پوليس جي ڍانچي کي سنڌس بنياد مان نئين سري سان نه تعمير ڪيو وڃي.

20هين صدي جي آخري ڏهاڪي امن امان برقرار رکڻ واري موجوده مشينري کي مڪمل تباهه ٿيندي ڏٺو ۽ اها "مهرباني" انهن "باٿرن" پاران ڪيل آهي جن پوليس جي اهم رخن ۾ مداخلت ڪئي وڌايو ۽ ان کي تباهي ڪندي تي پهچائي ڇڏيو. ان ۾ ڪا به تعجب جي ڳالهه نه آهي ته اهڙي مشينري جيڪا انگريز راڄ جي بينڪيت واري نظام کي طاقت پهچائڻ لاءِ هئي اها آزاد شهرين جون اميدون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام ويئي جنهن ۾ انهن چاهيو پئي ته آزادي ۽ قانون جي حڪمراني جو ڦل حاصل ڪري سگهن.

پوليس خلاف عام شڪايتن ۾ اڻنگو رويو، غيرذميواري، نااهلي، ڌر ٻڌجي وڃڻ، شهرين جي جائز درخواستن تي ڌيان نه ڏيڻ، اختيار جي ناجائز استعمال جو ادارتي سطح تي استعمال ۽ وڏي پيماني تي ڪرپشن شامل آهن. قانون تحت پوليس جي نگراني جو عملي طور تي ڪو وجود نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو شهري به پوليس سان ٿورو به رضاڪاراڻو سهڪار آڇڻ لاءِ راضي ناهن هوندا. اهي سمجهن ٿا ته پوليس قانون جي حڪمراني ڪندڙ نه پر هڪ ڪرپٽ ۽ سياسي ڪمدار ٻڌيل هڪ فورس آهي جيڪا گهٽي پاڳي طاقتور فردن ۽ ڌرين جي مفادن جو تحفظ ڪندي آهي.

پوليس ۽ عوام وچ ۾ ان سطح تي پهتل وڇوٽي اوچتو ناهي پيدا ٿي. عوام پاران پوليس جي اڻنگي رويي جي شڪايت وارو ڪڙو سچ روزاني زندگي جو حصو بنجي چڪو آهي. اهو تاثر پوليس جي غير مهذب رويي جون اورانگهي ويل حدن سبب پيدا ٿيل مختلف نسلن جي تجربي مان جڙيو آهي. اهو ئي رويو هو ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن جي شديد تنقيد باوجود گهربل تبديلي نه اچي سگهي.

جڏهن معاملا خرابي ڏانهن هلندا رهن ۽ عام شهري ڪجهه نه ڪري سگهي، شڪايتون وڌي وڃن ۽ پوليس خلاف ڪو به ٻڌڻ وارو نه هجي، پوءِ ته ڪجهه نه ٿي سگهندو چاڪاڻ ته ان ڪانپوءِ توهان کهڙا به انتظام ڪريو اهي اڻپورا هوندا ۽ پوليس عوام جو اعتماد ۽ حمايت حاصل نه ڪري سگهندي.

انهي جي باوجود اڄ ڪيترائي شهري اهو محسوس ڪندا آهن ته اهي پوليس خلاف اختيارن جي ناجائز استعمال خلاف رسمي شڪايت جي صورت ۾ ڪو به نتيجو حاصل ڪري سگهندا. اهو عام طور تي تسليم ڪيل تاثر آهي ته پوليس کي هر غيرقانوني ڪم ۽ ڪارونهوار ڦٻي وڃي ٿو ۽ اها ڪجهه به ڪري سگهي ٿي. اسان جي نظام اهڙو ڪو به گس موجود نه آهي جنهن ۾ عوام خود پوليس جي نگراني ڪري سگهي. انهي جي باوجود ان حقيقت کي مڃٽو پوندو ته پوليس کي مليل زبردست اختيارن تي ضابطي ۽ ڪنٽرول لاءِ سخت احتسابي نظام جي ضرورت آهي. عوام جي پوليس مٿان اهڙي بي اعتمادي اڳي ڪڏهن به نه هئي ۽ اسان کي خبر آهي ته ائين ڇو ٿيو آهي ۽ اسان کي اها به خبر آهي ته ان کي ڪيئن درست ڪرڻو آهي پر اسان جي پوليس قيادت توڙي حڪمران طبقو عوام

دوست پوليس جو نظام آٽڻ ۾ لاڳيتو ناڪام ٿيندي رهي آهي.

پوليس جي موجوده نظام ۾ ماڻهن کي هنگامي طور تي بنيادي تبديلي گهرجي ٿي ڇاڪاڻ ته پوليس انگريز راڄ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ جوڙيل پوليس وارو مقصد گهڻو اڳي ختم ٿي چڪو آهي. وڌندڙ دهشتگردي، فرقيواريت، هٿيارن جي ڦهلاءَ، آبادي ۾ غير معمولي اضافو ۽ جديد انساني زندگي جهڙن منجهيل معاملن سبب انگريز سرڪار لاءِ آندل پوليس جي ضرورت هاڻي ناهي رهي. 1990 جي ڏهاڪي دوران ڪراچي ۾ شهري دهشتگردي جو راڪاس هزارين جانيون ڳيهي ويو ۽ بدلي ۾ هن ميٽروپوليٽن شهر کي ”موت جي شهر“ جو خطاب مليو. رڳو 1995 جي هڪ سال ۾ دهشتگردن هٿان پوليس جي 260 آفيسرن ۽ جوانن شهادتون ماڻيون. ملڪي معيشت کي به اربين روپين جو نقصان ٿيو. پر شڪر آهي ته ان کان بعد پوليس اڳين مورچن تي وڙهندي پيشيوراڻي پوليس آفيسرن جي قيادت شهري دهشتگردي جي ڊائنوسار کي ڇهن مهينن اندر قابو آندو.[13] جڏهن ته حڪومت جي نااهلي ڪراچي ۾ امن امان بحال ڪرڻ واري حاصل ڪيل انهي غير معمولي سوڀ کي جٽادار نه بنائي سگهي، جنهن جي نتيجي ۾ صورتحال ٻيهر ساڳي ٿي ويئي ۽ قوم کي ڪراچي ۾ انساني زندگي جي بربادي، جهَڪي ٿيندڙ معاشي ترقي ۽ ملڪ جي بين الاقوامي طور منفي تاثر جي صورت ۾ نقصان ٿيو.

قانون جي عملداري ۾ ڪمزوري جو نتيجو هڪ اهو به نڪتو جو پاڪستان جي جمهوريت، معيشت، تحفظ ۽ ان جي شهرين جي سلامتي ۽ چڱ ڀلائي به خطري جي باهه ۾ وڪوڙجي ويئي. پاڪستان ۾ اربين روپيا پوليس، سول هٿياربند فورس ۽ سيڪيورٽي ايجنسي تي خرچ ڪرڻ باوجود شهري شديد عدم تحفظ جو شڪار آهن ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو ته ڄڻ قانون لاڳو ڪرڻ جو نظام ناڪام ٿيڻ لاءِ جوڙيو ويو هو.

ان مسئلي جو حل پوليس جي ڪارونهوار واري سرشتي کي بنيادي طور تبديل ڪرڻ ۾ موجود آهي. ان سلسلي ۾ پيشيوراڻي پوليس نگراني، قانون جي حڪمراني لاءِ سکيا ورتل جديد هٿيارن ۽ اوزارن سان ليس، ظلم تي ٻڌل هڪ صدي پراڻي پوليس سرشتي جي ڪميونٽي پوليس ۾ تبديلي ۽ هڪ اهڙي پوليس کي تيار ڪرڻ آهي جنهن ۾ شهرين ۽ ڪميونيٽيز جي شراڪت هجي، ڇاڪاڻ ته موجوده نظام شهرين جي حمايت ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪو آهي. اهو ئي وقت آهي جڏهن پوليس کي پاڪستان جي ماڻهن سان خدمتن جي فراهمي جي معاهدو ڪرڻو پوندو جنهن ۾ هڪ نئين ضمانت ڏنل هجي ته پوليس سرشتو وڌيڪ اثرائتو، اهل، ذميوار ۽ احتساب واري تصور تي ٻڌل هوندو. اهو ئي ساڳيو وقت جنهن ۾ پوليس سڌارن واري انهن خيالن کان جند آجي ڪرائڻي پوندي جيڪي ناڪام ٿيا ۽ انهن تي عمل ڪرڻو پوندو جيڪي ممڪن آهن.

پوليس کي ٻيهر جوڙڻ جو ان مهل بهترين موقعو هو جڏهن نومبر 1999 ۾ پاڪستان جي حڪومت پوليس سڌارن لاءِ هڪ فوڪل گروپ جوڙڻ جو فيصلو ڪيو هو [14] ۽ انهي کي ذميواري ڏني ويئي هئي ته پوليس جي ڍانچي جي نئين سري سان تنظيم سازي لاءِ سفارشون جوڙي. انهي فوڪل گروپ فيبروري 2000 ۾ پنهنجو سفارشون

13 The author headed the brave Karachi Police that did this miracle.
14 The author was part of the Focal Group.

جوڙيون. انهن سفارشن کي پرجوش نموني سان ورتو ويو ۽ سول سوسائٽي جي ميمبرن ۽ ميڊيا ۾ زبردست بحث ڇڙي پيو. انهي دوران حڪومت پاڪستان اختيارن جي هيٺين سطح تي ورڇ ۽ بهتر حڪمراني واري پروگرام تحت قائم ڪيل قومي تعمير نو بيورو (اين آر بي) ڊگهي مدي کان انتظار هيٺ پوليس سڌارن واري ٽاسڪ کي ترجيح ڏيڻ جوفيصلو ڪيو.

اين آر بي جو پوليس سڌارن بابت ٿنڪ ٽينڪ برطانيه جي جسٽس آف پيس ۽ ٽن اهڙن سينيئر پوليس آفيسرن تي ٻڌل هو جن کي پوليس سرشتي جي چڱي ريت ڄاڻ هئي ته ڪهڙي پاليسي نتيجا ڏنا ۽ ڪهڙي ناڪام ويئي ۽ هاڻي ڪهڙا سڌارا نتيجا ڏيئي سگهن ٿا. انهي ٿنڪ ٽينڪ انيڪ پوليس آفيسرن سان هر ممڪن ڪوشش ڪري رابطو ڪيو ۽ سندن فيڊبيڪ حاصل ڪيو. انهي مختلف اسٽيڪ هولڊرز، سموري ملڪ مان عام شهرين کان سندن ويچار ۽ خواهشون ڇاتيون. ٿنڪ ٽينڪ عدليه ۽ ڪرمنل انصاف جي ماهرن کان رايا حاصل ڪيا. ان پاران ملڪ جي واپاري طبقي سان ملاقاتون ڪري سندن مينيجمنٽ جي تخليقي عملن بابت معلوم ڪيو. سرڪاري انتظامي معاملن جي انهن ماهرن کان به مشورو ورتو ويو جيڪي سرڪاري ادارن ۾ نوان اصول ۽ لاڙا متعارف ڪرائڻ ڄاڻيندا هئا ته جيئن ڪامياب عملن کي پوليس سروس ۾ متعارف ڪرائي بهتري آڻي سگهجي. مختصر اهو ته ٿنڪ ٽينڪ سول سوسائٽي، حڪومت ۽ خانگي شعبي جي ذهين ترين ماڻهن سان بامقصد ڊائيلاگ ڪيو ۽ سندن رايا حاصل ڪيا.

اهڙي زميني صورتحال جيڪا 1861 واري پوليس سرشتي کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ لاءِ بالڪل سازگار نه هئي، ٿنڪ ٽينڪ جلد اهو نتيجو اخذ ڪري ورتو ته پوليس کي مقامين تي زيادتي ڪندڙ انگريز راڄ واري سرشتي مان جلد ٻاهر ڪڍي ان کي حڪمراني جي بهترين اصولن، جديد ۽ موجوده دور جي آزاد معاشري پٽاندڙ بنائجي. ان ڏس ۾ جن اهم معاملن تي بحث ڪيو ويو اهي معاملا ڪجهه هن ريت هئا. (1) پاڪستان جي پوليس کي 21هين صدي جي امن امان برقرار رکڻ واري چيلنجز کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙي قسم جي تنظيم گهرجي ٿي؟ (2) عوام کان انتهائي اجنبي بڻيل موجود پوليس سرشتي ۾ بنيادي تبديليون آڻڻ لاءِ ڪهڙو ماڊل موزون هوندو؟ (3) ڪهڙي قسم جو پوليس ڪاتو هجي جيڪو اثرائتي جمهوري ڪنٽرول جي تابع هجي پر سياسي طور تي مڪمل اڻ ڌريو هجي؟

قومي تعمير نو بيورو پوليس سڌارن لاءِ جوڙيل فوڪل گروپ پاران تيارڪيل بنيادي خاڪي جي مختلف پهلوئن تي تفصيل سان غور ڪيو ۽ نتيجو اخذ ڪيو ته هر پوليس تنظيم توڙي جو اها خانگي هجي يا سرڪاري رڳو تڏهن ئي ڪارڪردگي ڏيکاري سگهي ٿي جڏهن سندس بنياد ڪنهن تنظيمي اصول تي ٻڌل هجي. اهڙي صورت ۾ گذريل ڪجهه سالن ۾ پاڪستان پوليس لاءِ موجود اهڙن بنيادن اصولن جي انتهائي بي رحمي سان لتاڙ ڪئي ويئي. نتيجي طور ان سان ڪرپشن ۽ انتهائي نااهل ۽ سياست زده پوليس فورس جنم ورتو ۽ پوليس کي امن امان برقرار رکڻ واري بنيادي ذميداري کي سخت ڇيهو رسيو ۽ پوليس جمهوري رياست جو اهم ستون بنجڻ بدران سياسي انتظاميه جي ٻانهي بنجندي ويئي. قانون جو سياسي بنيادن تي يا ڪنهن فرد جي چرچ تي رڳو مخالفن خلاف استعمال جيڪو ورلي نظر اچي ها، عام ٿي ويو. سياسي ۽ ذاتي دشمنيون پاڙڻ لاءِ پوليس

جي ان اهم ستون کي استعمال ڪيو ويو. سياسي دٻاءُ جي سيلاب کي روڪڻ يا گھٽ ڪرڻ جا جيڪي به تحفظ موجود هئا، اهي ڌوهاري، نسلي، فرقيوارانا يا ٻين غير قانوني طاقتور عنصرن سبب بي اثرائتا بنجي ويا. انهي سموري ابتري جو اهو نتيجو نڪتو جو ماڻهن پوليس کي امن امان برقرار ۽ قانون جي حڪمراني يا بحال رکڻ واري ڪاتي بدران طاقتور ۽ بااثرن جي ڪمداري جو هڪ ادارو قرار ڏيئي ڇڏيو.

سڌارن ڏانهن وڌندڙ پهرين قدم طور قومي تعمير نو بيورو اهو قرار ڏنو ته امن امان برقرار رکڻ واري بنيادي ذميداري بنا ڪنهن شڪ جي پوليس جي هجڻ گهرجي. پوليس عهدن کي رڳو ڪاتي جي اندروني انتظامي ۽ تنظيمي معاملن سان گڏوگڏ امن امان برقرار رکڻ به بنيادي فرضن ۾ شامل هجڻ گهرجي. مختصر اهو ته پوليس ڪهڙي طور به ٻئي ڪنٽرول هيٺ نه هجڻ گهرجي. ان ڏس ۾ لاڳاپيل پر هڪ ڌار تبديلي واقع ٿي جنهن ۾ ملڪ جي چيف ايگزيڪيٽو 14 آگسٽ 2001 تي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ واري عهدي کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ٻيو اهو ته پوليس کي پيشيوراڻي طور اهل، ڪارونهوار ۾ اڻ ڌريو، ڪمن ڪارن ۾ ٺهڪندڙ ۽ سمورن عملن ۾ تنظيمي طور ذميوار بنائڻ لاءِ هڪ اهڙو نئون پوليس سرشتو جوڙيو ويندو جيڪو پوليس ايڪٽ 1861 جو متبادل بنجي ويندو.

## پوليس آرڊر 2002

2002 کان اڳ تائين واري پوليس فورس بنا ڊپ ڊاهه يا ڪنهن ڪي فائدو ڏيڻ ۽ قانون لاڳو ڪرڻ لاءِ نه پر بنيادي طور تي انهن لاءِ هئي جيڪي بااثر آهن. اها ڪڏهن به قانون لاڳو ڪرڻ لاءِ اڻ ڌري ايجنسي نه هئي يا ڪا اهڙي فورس هئي جنهن ڪي عوامي خدمت جي عيوض سندن حمايت حاصل هجي. قانون تحت جمهوريت ۾ قانون تحت آزادي هڪ خاصيت جو نالو آهي. انهي جو مقصد آهي ته قانون جي نظر ۾ سمورا شهري برابر آهن ۽ ڪنهن ڪي ڪا خاص اهميت حاصل نه آهي ۽ هو اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا جيڪو قانون جي دائري ۾ اچي ٿو. جمهوريت ۾ ضروري آهي ته اهڙا فرد يا گروهه جيڪي چونڊيل نمائندن پاران قانوسازي ذريعي قائم ڪيل سماجي قدرن ۽ مفادن جي ٽڪراءُ جي نتيجي ۾ تباهي کي روڪڻ جي لتاڙ ڪن ٿا، انهن سان قانون موجب ورتاءُ ڪيو وڃي. قانون تحت برابرورتاءُ ۽ انصاف جي فراهمي جو عدل تي ٻڌل طريقيڪار ئي ڪنهن به شخص کي پابند سماج ۾ رهڻ جي ضمانت آهي. ساڳي طرح جمهوريت ۾ قانون لاڳو ڪندڙن ۾ سچائي اهڙي هجڻ گهرجي ته جيئن ڪوبه بااثر هجي يا امير، عمل ۾ يا نظرئي ۾، اهو قانون جي ضرب المثل ڏگهي پهچ کان ٻاهر هجي.

هي پيپر تبديلي متعلق آهي، اهڙي تبديلي جيڪا گهٽي وقت کان گهربل هئي ۽ جيڪا پوليس جي ناقص سرشتي کي تبديل ڪندي اهڙي پوليس فورس جي قيام لاءِ هئي جنهن سان قانون جي عملداري لاڳو ٿي سگهي. اهڙي نئين پوليس سرشتي کي پوليس آرڊر 2002 ذريعي 14 آگسٽ 2002 تي لاڳو ڪيو ويو. نئون پوليس آرڊر 141 سال پراڻي پوليس ايڪٽ 1861 کي اسلام آباد، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ڪانسواءِ پاڪستان جي چئني صوبن پنجاب، سنڌ، خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ لاڳو ڪيو ويو.

پوليس آرڊر 2002 ذريعي پوليس کي آپريشنل خودمختياري ۽ سياسي مداخلت کان آزادي ڏني ويئي. وڌيڪ اهم اهو هو ته انهي نظام ۾ ٻاهرين ادارن پاران پوليس جي احتساب جو بهتر نظام ڏنو ويو هو. پوليس آرڊر 2002 جوديباچو ڪجهه هن ريت هو ته

*"Whereas the police has an obligation and duty to function according to the Constitution, law and democratic aspirations of the people."*

نئين پوليس آرڊر جو مقصد پوليس کي آزادي، انصاف، عدل، خودمختياري ۽ پيشيوراڻي نموني ڪارونهوار انجام ڏيڻ آهي. ڇاڪاڻ ته پوليس جو بنيادي ۽ اصولي مقصد ملڪ جي قانون کي بنا ڪنهن خوف، ڪنهن جي مفاد کي لاڳو ڪرڻ آهي، پوليس آرڊر پوليس جي فرضن، اختيارن ۽ ڪنٽرول کي نئين سري سان بيان ڪري ٿو.

پوليس آرڊر جي شق 9 موجب حڪومت کي پوليس سپريٽنڊنس جو اختيار اهڙي طريقي سان استعال ڪرائڻو آهي جو پوليس پنهنجا فرض قانون مطابق ۽ اثرائتي نموني انجام ڏيئي سگهي.

پوليس آرڊر ۾ موجود پبلڪ سيفٽي ڪميشن ۽ پوليس ڪمپلينٽ اٿارٽي جهڙا نوان لاڙا متعارف ڪرائڻ جو مقصد پاليسي جوڙجڪ ۽ پوليس ۾ ساک رکندڙ ۽ اثرائتي احتساب جو نظام آڻڻ آهي.

جاپان ۾ 1947 ۾ پبلڪ سيفٽي ڪميشن جي قيام بعد پيدا ٿيل پوليس احتساب ۽ رويي جي

معاملي تي بيان ڪندي محقق بيلي (1991) ۾ چيو آهي ته

*‘The fact is that a transformation did occur in police behaviour in Japan in a relatively short period of time immediately after World War II. It is associated with democratisation and in one of the most prized developments of the post war period. Japan's contemporary record of excellence with respect to police behaviour is striking not only in relation to the United States but also in relation to its own past.’*

پوليس آرڊر 2002 ۾ ڪاتي جي سينيئر پوليس آفيسرن ڪي قاعدن ۽ قانون جي مختلف قسمن جي لتاڙ ڪندڙ اهلڪارن ۽ آفيسرن خلاف سخت احتساب جو بندوبست موجود آهي. پوليس آرڊر جي شق 155 موجب جيڪڏهن ڪو به پوليس عملدار يا اهلڪار هن قانون يا قاعدن جي چاڙهي واڻي لتاڙ ڪري ٿو يا غير ذميواري جو مظاهرو ڪري ٿو ته انهي کي ڏوهه تصور ڪيو ويندو ۽ انهي جي سزا ڏنڊ سميت ٽن سالن تائين آهي. شق 156 موجب ڪوبه پوليس آفيسر جيڪڏهن ڪنهن کي تنگ ڪرڻ يا ستائڻ لاءِ قاعدن ۽ قانون جي ابتڙ ڪا انٽري ڪري ٿو يا ايف آءِ آر ڪٽي ٿو، تلاشي وٺي ٿو، ڪنهن به قسم جي جائيداد يا اثاثي تي قبضو ڪري ٿو يا پوءِ ڪنهن به شخص تي حراست دوارن تشدد ڪري ٿو ته انهي کي سخت ڏوهه تصور ڪيو ويندو، جنهن جي سزا ڏنڊ سميت پنج سال جيل آهي.

جيڪڏهن ان قانون تي ان جي روح موجب عمل ڪيو وڃي ته پوليس آرڊر 2002، 21هين صدي جي امن امان برقرار رکڻ وارن چيلنجز کي منهن ڏيڻ جي اهليت رکي ٿو. ان جو مقصد مدي خارج پوليس ڪلچر ۾ بنيادي تبديلي آڻڻ آهي ۽ ڪاتي ۾ هڪ اهڙي ماحول جو بنياد رکڻ آهي جنهن سان قانون جي حڪمراني يقيني بنجي وڃي. بناڪنهن شڪ جي پوليس آرڊر2002 هڪ اثرائتو ڪارونهوار، معياري فيصلي سازي، وڌيڪ بهتر نظم ضبط ۽ ڪاتي جي اندرئين ۽ ٻاهرين احتساب جي عمل جو نظام فراهم ڪري ٿو. پر ٻئي پاسي پوليس آرڊر 2002 ۾ تڪڙ ۾ ڪيل هڪ ترميم پوليس جي آپريشنل خودمختياري کي سخت نقصان پهچايو ۽ پوليس جي ٻاهرين احتساب نظام کي ڪمزور ڪري ڇڏيو ۽ درحقيقت پوليس آرڊر جي سموري تصور ۽ سڌارن واري ڪوشش کي ناڪام بنايو ويو.

# پوليس آرڊر ترميمي آرڊيننس 2004

پوليس آرڊر 2002 جو بنيادي خيال پيشيوراڻي، ملازمت لاءِ ۽ جوابده پوليس فورس جو قيام آهي. ان ۾ پوليس جو نئون بيان ڪيل ڪردار، فرض ۽ ذميواريون اهڙي سمورين صوبائي ڪمپلينٽ اٿارٽيز کي مڪمل طور تي ختم ڪيو ويو. جڏهن پوليس آرڊر 2002 پويان بنيادي سوچ ئي پوليس ۾ سياسي مداخلت جو خاتمو هو، تڪڙ ۾ آندل ترميمن پوليس ۾ انهي جي قانوني جواز کي ئي ختم ڪري ڇڏيو.

پوليس سڌارن کي پوئتي ڪندڙ پوليس آرڊر ترميمي آرڊيننس 2004 جا اهم نڪتا ڪجهه هن ريت هئا.

1. صوبائي ۽ ضلعي سطح تي موجود خودمختيار پبلڪ سيفٽي ڪميشن ۽ پوليس ڪمپلينٽ اٿارٽيز جو انضمام
2. پبلڪ سيفٽي ڪميشن جي جوڙجڪ ۾ تبديلي
3. پبلڪ سيفٽي ڪميشن جي ميمبرن جي چونڊ جي طريقيڪار ۾ تبديلي
4. پوليس کي غيرقانوني حڪمن جي خاتمي لاءِ ڏنل سهولت جو خاتمو
5. صوبائي پوليس آفيسرن جي چونڊ جي طريقيڪار ۾ تبديلي
6. ضلعي پوليس آفيسرن جي ڪارڪردگي ۽ تشخيصي رپورٽ جي ذميواري لاڳاپيل ضلع ناظم حوالي
7. اصطلاحن جهڙوڪ ”سڌوسنئون“، ”سچ جاٽينڊڙ جاچ“ ۽ ”نگراني“ جي وصفن ۾ وڏيڪ وضاحت
8. عوامي تحفظ جي معاملي ۾ گورنر جو ڪردار ختم ڪري حڪومت کي ڏيڻ

انداز ۾ ڏنيون ويون آهن ته جيئن پوليس جا عمل روايت ۽ ڏوهن جي نشاندهي ۽ ٻنجو ڏيڻ جو هڪ سماجي مقصد بنجي وڃن. پوليس آرڊر 2002 نه رڳو ماڻهن جي سهڪار ۽ حمايت جي گهرج ڪري ٿو پر انهي جو مقصد پاڪستان ۾ قانون جي حڪمراني جي ماحول کي هٿي وٺائڻ آهي. انهي جي پويان اها سوچ پڻ آهي ته ان ذريعي ڏوهن جي نشاندهي ۽ روڪ ٿام ڪري سگهجي پر امن امان جي قيام کي به يقيني بنائي سگهجي.

مٿي ڏنل مقصدن جي حاصلات لاءِ پوليس آرڊر ۾ ڪيترائي آزاد ۽ خودمختيار فورم فراهم ڪيا ويا آهن جنهن ذريعي پوليس هڪ اڻ ذري فورس ۽ انهي تي ضروري نگراني ۽ چيڪ اينڊ بيلنس جو نظام هجي. انهن فورمن ۾ قومي، صوبائي ۽ ضلعي پبلڪ سيفٽي ڪميشن، خودمختيار پوليس شڪايت اختياريون، ڊسٽرڪٽ ڪرمنل جسٽس ڪوآرڊينيشن ڪميٽي، نيشنل پوليس مينيجمنٽ بورڊ، نيشنل پوليس بيورو ۽ سٽيزن پوليس ليازان ڪميٽي شامل آهن.

پوليس آرڊر 2002 تي ان جي روح موجب عملدرآمد ڪرڻ بدران وفاقي حڪومت پنجاب حڪومت جي دٻاءُ هيٺ نومبر 2004 ۾ رڳو ٻن سال پراڻي قانون ۾ ڪيتريون ئي ترميمون ڪري ڇڏيون. خاص طور تي اهم پوليس عهدن تي آفيسرن جي مقررين ۽ پوليس جي نگراني لاءِ جوڙيل عوامي فورمز جي ڪردار مٿان حڪومت جي ڪردار کي وڌايو ويو.

هيٺ ڏنل جدول ۾ پوليس آرڊر ترميمي آرڊيننس 2004 ذريعي ڪيل ترميمن جو تقابلي جائزو پيش ڪجي ٿو.

## پوليس آرڊر 2002: ترميمن کان اڳ ۽ پوءِ

| نمبر | عنوان | ترميم کان پهرين | ترميم کان بعد |
|---|---|---|---|
| 1 | صوبائي پوليس آفيسر يا آءِ جي جي مقرري لاءِ سفارشون شق (11) ذيلي شق (1) | نيشنل پبلڪ سيفٽي ڪميشن | وفاقي حڪومت |
| 2 | صوبائي پوليس آفيسر (پي پي او) يا آءِ جي جي وقت کان اڳي بدلي يا واپسي شق (12) ذيلي شق (2) | صوبائي پبلڪ سيفٽي ڪميشن سان صلاح بعد پي پي او يا صوبائي پوليس سربراهه جي واپسي يا بدلي | صوبائي حڪومت وفاقي حڪومت جي منظوري بعد صوبائي پوليس سربراهه کي مستقل بنيادن تي واپسي موڪلي سگهي ٿي ۽ ان لاءِ پبلڪ سيفٽي ڪميشن جي صلاح جي ڪا گهرج نه آهي. |
| 3 | صوبائي پوليس آفيسر (پي پي او) يا آءِ جي يا سي سي پي او کي واپس گهرائڻ شق (12) ذيلي شق (6) | وفاقي حڪومت نيشنل پبلڪ سيفٽي ڪميشن جي صلاح ڪانسواءِ پي پي او يا سي سي پي او کي وقت کان اڳي واپس گهرائي سگهي ٿي | وفاقي حڪومت پبلڪ سيفٽي ڪميشن جي صلاح ڪانسواءِ پي پي او واپس گهرائي سگهي ٿي. |
| 4 | ڊي پي او جي مقرري شق (15) ذيلي شق (1) | پي پي او حڪومت جي صلاح سان ڊي پي او مقرر ڪندو | پي پي او حڪومت جي منظوري سان ڊي پي او مقرر ڪندو |
| 5 | ڊي پي او يا سي پي او جي وقت کان اڳي بدلي شق (15) ذيلي شق (3) | سي پي او يا ڊي پي او کي ضلع ناظم جي راءِ سان بدلي ڪري سگهجي ٿو پر ان کان اڳ ضلع پبلڪ سيفٽي ڪميشن ڊي پي او جو ذاتي طور تي موقف ٻڌندي. | ڊي پي او يا سي پي او کي حڪومت جي منظوري سان بدلي ڪري سگهبو ۽ ان لاءِ ضلع ناظم، ضلعي سيفٽي ڪميشن يا ڪمپلينٽ ڪميشن جي صلاح جي گهرج نه هوندي. |
| 6 | پوليس جي جاچ شعبي کي ڌار ڪرڻ شق (18) | ضلعي جي ڌار آفيسرن تي ٻڌل جاچ جو شعبو قائم ڪيو ويو ۽ ان مقصد لاءِ ٿاڻي جي سطح تي آفيسر مقرر ڪيا ويا. | جاچ وارو شعبو واپس ٿاڻي جي ايس ايچ او ماتحت ڪيو ويو. |
| 7 | پوليس ڊويزن، سب ڊويزن يا پوليس اسٽيشن سطح تي آفيسرن جي مخصوص مدي لاءِ مقرري شق (21) | گهٽ ۾ گهٽ مدو مقرر نه ڪيو ويو | آفيسرن جي مقرري جو گهٽ ۾ گهٽ مدو 3 سال ڪيو ويو |
| 8 | پوليس نگراني جي پلان جي تياري شق (32) ذيلي شق (1) | ضلعي جو پوليس سربراهه ضلع نظام سان صلاح بعد نگراني جو پلان تيار ڪندو | ضلعي جو پوليس سربراهه ضلع نظام سان رابطي بعد نگراني جو پلان تيار ڪندو |
| 9 | ضلعي پوليس سربراهه جي ڪارڪردگي رپورٽ ۾ ضلع ناظم جو ڪردار شق (33) ذيلي شق (3) | ڪو به ڪردار نه هو | ضلع ناظم ضلعي پوليس سربراهه جي ڪارڪردگي رپورٽ تيار ڪندو، جنهن تي آفيسر کي ترقي ڏيڻ مهل غور ڪيو ويندو |
| 10 | حڪومتي عملدارن ۽ عهديدارن | ڪوبه ڪردار نه هو | جيڪڏهن پوليس حڪومتي عملدارن ۽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ڪي پوليس جي سهائتا شق (34) ذيلي شق (1) | | عهديدارن ڪي سهائتا فراهم نٿي ڪري ته اها ضلعي پوليس آفيسر ڪي چاڙ ڏيندو جيڪو اڳتي ضلع ناظم ڪي ٻڌائيندو. جيڪڏهن ضلع پوليس آفيسر اهو سمجهي ٿو ته سهائتا فراهم ڪرڻ واري درخواست غيرضروري، غير قانوني ۽ غلط نيت تحت آهي ته اهڙو معاملو لاڳاپيل سيفٽي ڪميشن ڪي اماڻيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو. |
| 11 | حڪومتي عملدارن ۽ عهديدارن ڪي پوليس جي سهائتا شق (34) | جيڪڏهن امن امان جي صورتحال ڪي خطرو آهي، قدرتي آفت آيل آهي يا ڪا ايمرجنسي آهي ته ضلعي ناظم جي هدايتن تي ڊي سي او رابطي ڪاري جو ڪم سرانجام ڏيندو. جيڪڏهن ضلع پوليس آفيسر اهو سمجهي ٿو ته سهائتا فراهم ڪرڻ واري درخواست غيرضروري، غير قانوني ۽ غلط نيت تحت آهي ته اهڙو معاملو لاڳاپيل سيفٽي ڪميشن ڪي اماڻيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو. | شق (34) ذيلي شق (1) ڪي ختم ڪيو ويو. هاڻي ضلع پوليس آفيسر وٽ اهڙو اختيار نه آهي ته اهو اهڙو معاملو لاڳاپيل سيفٽي ڪميشن يا ضلع ناظم ڪي اماڻي سگهي. |
| 12 | ضلعي پوليس سيفٽي ڪميشن ۽ ضلعي ڪمپلينٽ ڪميشن جو قيام شق (37) | صوبائي حڪومت ضلعي پبلڪ سيفٽي ڪميشن قائم ڪندي | صوبائي حڪومت ضلعي پوليس سيفٽي ڪميشن ۽ ضلعي ڪمپلينٽ ڪميشن قائم ڪندي |
| 13 | ضلعي پوليس سيفٽي ڪميشن ۽ ضلعي ڪمپلينٽ ڪميشن جي جوڙجڪ شق (37) ذيلي شق (1) | ضلعي پبلڪ سيفٽي ڪميشن ضلعي جي آبادي ۽ علائقي جي حساب سان 8، 10 ۽ 12 ميمبرن تي ٻڌل هوندي. | ضلعي پبلڪ سيفٽي ڪميشن 9 ميمبرن تي ٻڌل هوندي. |
| 14 | ضلعي پوليس سيفٽي ڪميشن ۽ ضلعي ڪمپلينٽ ڪميشن جي جوڙجڪ جو طريقيڪار شق (38) | ڪميشن جا اڌ ميمبر ضلع ڪائونسل ڪندي جڏهن ته باقي اڌ آزاد ميمبر طور ڪنيا ويندا | ضلع ڪائونسل پاران چونڊيل = 3<br>آزاد = 3<br>لاڳاپيل ضلعي جي ايم پي اي يا ايم اين اي = 3 |
| 15 | ضلعي پوليس سيفٽي ڪميشن ۽ ضلعي ڪمپلينٽ ڪميشن جي چيئرپرسن جي چونڊ شق (39) | ڪميشن جا ميمبر پنهنجي ئي ميمبرن منجهان هر سال لاءِ پنهنجو چيئرپرسن چونڊيندا ۽ هر سال هڪ چونڊيل ۽ هڪ آزاد ميمبر ڪي چيئرپرسن چونڊيو ويندو. | ڪميشن جا ميمبر پنهنجي ئي ميمبرن منجهان پنهنجو چيئرپرسن ٽن سالن جي مدي لاءِ چونڊيندا. |
| 16 | ضلعي پوليس سيفٽي ڪميشن ۽ ضلعي ڪمپلينٽ ڪميشن جي آزاد | ڪميشن لاءِ آزاد ميمبرن ڪي اتفاق راءِ سان ڪنيو ويندو | ڪميشن لاءِ آزاد ميمبرن ڪي اڪثريتي ووٽ سان ڪنيو ويندو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ميمبرن کي مقرر ڪرڻ جو طريقيڪار شق (41) ذيلي شق (2) | | |
| 17 | ضلعي پوليس سيفٽي ڪميشن ۽ ضلعي ڪمپلينٽ ڪميشن جي ميمبرن جو مدو شق (45) ذيلي شق (2) | ڪوبه ميمبر وڌيڪ مدي لاءِ ميمبر ٿيڻ لاءِ اهل نه هوندو | سمورا آزاد ميمبر رڳو به پيرا ميمبر ٿيڻ جا اهل هوندا |
| 18 | ضلعي پوليس سيفٽي ڪميشن ۽ ضلعي ڪمپلينٽ ڪميشن جون گڏجاڻيون ۽ ڪارونهوار شق (47) ذيلي شق (8) | ڪميشن ڪارونهوار هلائڻ لاءِ قاعدا ۽ ضابطا جوڙي سگهي ٿي | ڪميشن جو ڪارونهوار هلائڻ لاءِ قاعدا ۽ ضابطا حڪومت جوڙيندي |
| 19 | ضلعي پوليس سيفٽي ڪميشن جو سيڪريٽريٽ يا آفيس شق (48) | ڪميشن جو هڪ سيڪريٽريٽ هوندو جنهن جو سربراهه هڪ 17هين گريڊ جو آفيسر هوندو جنهن کي صوبائي حڪومت ڪميشن جي صلاح سان مقرر ڪندي | ڪميشن جو هڪ سيڪريٽريٽ هوندو جنهن جو سربراهه 18هين يا ان کي مٿي گريڊ جو آفيسر هوندو جنهن کي صوبائي حڪومت ڪميشن جي چيئرپرسن جي صلاح سان مقرر ڪندي |
| 19 | صوبائي پوليس سيفٽي ۽ ڪمپلينٽس ڪميشن جي جوڙجڪ ۾ صوبائي اسيمبلي جي سرڪاري ۽ مخالف ڌر جو حصو شق (74) | صوبائي اسيمبلي جا 3 سرڪاري ۽ 3 مخالف ڌر جا ميمبر | صوبائي اسيمبلي جا4 سرڪاري ۽ 2 مخالف ڌر جا ميمبر |
| 20 | صوبائي پوليس سيفٽي ۽ ڪمپلينٽس ڪميشن ۾ آزاد ميمبرن جي مقرري شق (77) | هائيڪورٽ جي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ ٽن ميمبرن تي ٻڌل هڪ چونڊ پينل جوڙيو ويندو جنهن ۾ وڏي وزير ۽ گورنر جو هڪ هڪ نمائندو شامل هوندو. | صوبائي محتسب جي سربراهي ۾ ٽن ميمبرن تي ٻڌل هڪ چونڊ پينل جوڙيو ويندو جنهن ۾ صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن ۽ وڏي وزير جو هڪ نمائندو شامل هوندو. |
| 21 | صوبائي پوليس سيفٽي ۽ ڪمپلينٽس ڪميشن جو سيڪريٽريٽ شق (84) ذيلي شق (2) | ڪميشن جو هڪ سيڪريٽريٽ هوندو ۽ ان جو سربراهه ڊائريڪٽر سڏرائيندو جنهن لاءِ هڪ ايس ايس پي عهدي جو آفيسر مقرر ڪيو ويندو. سندس مقرري صوبائي حڪومت ڪميشن جي صلاح سان ڪندي | ڪميشن جو هڪ سيڪريٽريٽ هوندو ۽ ان جو سربراهه 20هين گريڊ جي عهدي کان گهٽ مقرر نه ڪري سگهبو ۽ سندس مقرري وڏو وزير ڪميشن جي صلاح سان ڪندو |

پوليس آرڊر ترميمي آرڊيننس 2004 نومبر 2009 تائين هر ڇوٿين مهيني ورجايو ويندو رهيو يا لاڳو ٿيندو رهيو ۽ ان کي ڪڏهن به منظوري لاءِ پارليامينٽ ۾ پيش نه ڪيو ويو ڇاڪاڻ ته حڪومت کي خدشو هو ته ڪٿي هو ان جي حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام نه ٿي وڃي.

ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته پنجاب سرڪار جي واضح عزم باوجود خاص طور تي ترميمي

پوليس آرڊر تي عملدرآمد ڪمزور رهيو. صوبائي حڪومت ۽ نه ئي وري پوليس قيادت ڪنهن گهربل نيت جو مظاهرو يا پوليس سڌارن تي عمل درآمد ڪري سگهي جنهن سان عوام کي لاڀ حاصل ٿي سگهي پيو.

پوليس آرڊر 2002 ۾ ڪيل آخري ترميم مارچ 2010 ۾ غيراثرائتي بڻجي ويئي. نتيجي طور 20 اپريل 2010 تي 18هين آئيني ترميم ايڪٽ 2010 لاڳو ٿي ويئي ۽ پوليس آرڊر 2002 کي پنهنجي اصل صورت ۾ بحال سمجهيو ويو، جيڪو 14 آگسٽ 2002 تي لاڳو ڪيو ويو هو.

## پوليس آرڊر 2002 جي قانوني حيثيت

پوليس آرڊر 2002 جي 2010 بعد قانوني حيثيت واري صورتحال بعد سول سوسائٽي ۽ پوليس آفيسرن ۾ تاءُ پکڙجي ويو ۽ ان تي هڪ نئون بحث چڙي پيو. اهي جيڪي صوبائي خودمختياري جا چيمپيئن بڻيل هئا، ان تڪرار ۾ سول بيوروڪريسي جو وچي هٿ جهليائون. هن وقت ان قانون جي قانوني حيثيت کي جانچڻ جي بنادير گهرج آهي ۽ چو ان کي هڪ اهڙي قانون ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي جيڪو ملڪ ۾ وڌندڙ دهشتگردي واري طوفان کي ختم ڪري سگهي.

اهڙي صورتحال ۾ جتي ڪيترائي قانون پاڻ ۾ اتفاق نٿا رکن ۽ ٽڪراءُ ۾ آهن، امن امان جي

صورتحال کي بهتر ڪرڻ ۾ ڪابه سهائتا نه ڪري سگهندا، خاص طور تي دهشتگردي کي پنجو نه اچي سگهندو جنهن اسان جي سماج جو پاڙون لوڏي ڇڏيون آهن.

جيئن بيان ڪيو ويو آهي ته پوليس آرڊر 2002 14 آگسٽ 2002 تي لاڳو ڪيو ويو هو. پوليس آرڊر کي مناسب استحڪام ۽ موقعو ڏيڻ ۽ انهي ۾ تڪڙ ۾ ترميمون ڪرڻ بدران ان کي لاڳو ڪرڻ جي مقصد لاءِ ان کي 17هين آئيني ترميم جي ڇهين شيڊيول ۾ رکيو ويو آهي. آئين جي ترميم ڪيل شق 268 جي ذيلي شق 2 موجب:

*'The laws specified in the Sixth Schedule shall not be altered, repealed or amended, expressly or impliedly, without the previous sanction of the President accorded after consultation with the Prime Minister.'*

اها شق 31 ڊسمبر 2003 تي 17هين آئيني ترميم ذريعي آئين ۾ شامل ڪئي ويئي هئي ته "اهي قانون جيڪي ڇهين شيڊيول جي انٽري نمبر 27 کان 30 ۽ 35 تي موجود آهن، انهن کي ڇهن سالن بعد رد سمجهيو ويندو."

جيئن ته انٽري نمبر 27 کان 30 لوڪل گورنمنٽ آرڊيننس جي حوالي سان هيون جن کي چئني صوبن جي لاڳاپيل گورنرز پاران لاڳو ڪيو ويو هو، ڇاڪاڻ ته مڪاني ادارا صوبائي معاملو هو پر ڇهين شيڊيول ۾ انٽري نمبر 35 پوليس آرڊر 2002 جي حوالي سان هئي جيڪو چيف ايگزيڪيٽو آرڊر نمبر 22، سال 2002 تحت جاري ڪيو هو. پهرين جنوري 2010 کان لاڳو ڪيل آئين جي ڇهين شيڊيول ۾ موجود انٽري نمبر 27 کان 30 ڇهن سالن جي پابندي جو پيو مطلب اهو آهي ته جيئن صوبائي اسيمبليون صدارتي منظوري ڪانسواءِ به لاڳاپيل لوڪل گورنمنٽ آرڊيننس ۾ ترميم ڪري سگهن. انٽري نمبر 35 کي رد ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته پارليامينٽ پوليس آرڊر 2002 ۾ صدارتي منظوري ڪانسواءِ ترميم ڪري سگهي.

پوليس آرڊر 2002 ۾ هڪ صدارتي آرڊيننس 2004ذريعي ترميم آندي ويئي. ڇاڪاڻ ته اڳ ۾ پارليامنٽ صدارتي منظوري ڪانسواءِ پوليس آرڊر ۾ ترميم ڪرڻ ۾ بااختيار نه هئي، پوليس آرڊر ترميمي آرڊيننس کي نومبر 2009 تائين هر چئن مهينن بعد جاري ۽ لاڳو ڪيو ويندو رهيو. جڏهن ته پوليس آرڊر 2002 پهرين جنوري 2010 کان صدارتي منظوري ڪانسواءِ پارليامنٽ پاران ترميم جوڳو بڻجي ويو.

پوليس آرڊر 2002 جيان پوليس ايڪٽ 1861

۾ به ترميم جا اختيار پارليامينٽ کي ملي ويا. پوليس ايڪٽ 1861 جي شق 46 صوبن کي بااختيار بڻائيندي هئي ته اهي ان قانون کي اثرائتي نموني لاڳو ڪرڻ لاءِ قاعدا ۽ ضابطا جوڙي سگهن ٿا. صوبن کي آئين جي شق 184 ذريعي خاص حالتن ۽ ضرورتن ۾ پوليس آرڊر 2002 ۾ وزيراعظم جي اڳواٽ منظوري ذريعي ترميم جا اختيار ملي ويا.

ان ڏس ۾ چاڙهي واڙهي غلط تاثر جوڙيا ويا ته 18هين آئيني ۾ ترميم پوليس آرڊر 2002 کي ختم ڪيو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو انهي جو سبب اهو هجي ته 20 اپريل 2010 تي لاڳو ڪيل 18هين آئيني ترميم جي ڇهين شيڊيول جي اثرن بابت معاملي کي منجهائي رکجي. ان متعلق درست صورتحال اها هئي ته ڇهين شيڊيول کي رد ڪرڻ سان پوليس آرڊر 2002 تي ڪوبه اثر نه پئي پيو. چاڪاڻ ته پوليس آرڊر 2002 ڇهين شيڊيول جي انٽري نمبر 35 ذريعي اڳيئي ڦهرين جنوري 2010 کان رد ٿي چڪو هو. 18هين آئيني ترميم ذريعي ڇهين شيڊيول جي خاتمي جو رڳو هڪ ور وڪڙ هو ته پارليامينٽ کي اهو اختيار حاصل ٿي چڪو هو ته اها صدر جي اڳواٽ منظوري ڪانسواءِ ڇهين شيڊيول ۾ موجود سمورن 30 قانونن ۾ ترميم ڪري سگهي ٿي. انهي جو اهو مطلب بالڪل نه هو ته آئين تحت ڇاٽايل 30 قانون ختم يا رد سمجهيا ويندا. ڇهين شيڊيول جي خاتمي کان اڳ ۾ 30 قانونن ۾ اسٽيٽ بينڪ پاڪستان ايڪٽ 1956 ۽ قومي احتساب بيورو آرڊيننس 1999 به شامل هئا. جڏهن ڇهين شيڊيول جي خاتمي بعد اسٽيٽ بينڪ پاڪستان ايڪٽ 1956 ۽ قومي احتساب بيورو آرڊيننس 1999 ختم نه ٿي سگهيا ته پوءِ اهو ڪيئن ۽ ڇو سمجهيو ويو ته پوليس آرڊر 2002 به ختم ٿي ويو آهي؟

چاڪاڻ ته 18هين ترميم ذريعي قانونسازي واري گڏيل فهرست Concurrent Legislative List (آئين جو چوٿون شيڊيول) به ختم ڪئي ويئي هئي ته پوليس آرڊر 2002 جي ناقدين اهو دليل پيش ڪيو ته پاڪستان پينل ڪوڊ ۾ انٽري نمبر هڪ تي موجود ڪرمنل لاءِ ۽ ڪرمنل پراسيجر ڪوڊ جي انٽري نمبر 2 تي موجود شقون چوٿين شيڊيول ۾ موجود نه آهن، تنهن ڪري پوليس متعلق قانونسازي جا معاملا رڳو صوبن جي حوالي ٿي ويا آهن. پر اهي ناقدين انهي حقيقت کي نظرانداز ڪن پيا ته آئين جي آرٽيڪل (142(b ۾ 18هين آئيني ترميم جي خالقن اهو يقيني بڻايو هو ته ٽتل قتل يا ورهايل ڪرمنل جسٽس سرشتي جا اڳرا نتيجا نڪري سگهن ٿا، تنهن ڪري انهن ڪرمنل لاءِ، ڪرمنل پراسيجر ۽ شاهدي جي گڏيل قانونسازي واري حيثيت کي برقرار رکيو وڃي. ان کي آئين جي شق 143 ذريعي وڌيڪ يقيني بنايو ويو ته جيڪڏهن وفاقي ۽ صوبائي قانون ۾ ڪوبه فرق پيش اچي ٿو پارليامينٽ پاران منظور ڪيل قانون کي وڌيڪ ترجيح حاصل هوندي ۽ صوبائي اسيمبلي پاران منظور ڪيل قانون کي برخلاف سمجهي رد تصور ڪيو ويندو.

اها ڳالهه پڻ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته آئين جي شق 268 موجب پوليس ايڪٽ 1861 سميت 12 اپريل 1973 کان لاڳو سمورا جائز قانون لاڳو سمجهيا ويندا ۽ اهو واضح ٿيل هوندو ته جيڪڏهن 1973 واري آئين کنهن خاص اسم کي صوبائي اسم قرار ڏنو آهي ته وفاقي قانون کي ان بنياد تي رد نٿو ڪري سگهجي ته اهو هاڻي اثرانداز قانون ناهي رهيو. اهو ئي سبب هو جو ڪنهن به صوبي پاران انهي آئيني حيثيت کي عدالت ۾ چيلنج نه ڪيو ويو. تنهن ڪري ان ۾ ڪوبه ابهام نه رهڻ گهرجي ته وفاقي قانون The

Federal Laws (Revision and Declaration) Ordinance 1981 ذريعي پوليس ايڪٽ 1861 جي آئيني حيثيت بالڪل واضح آهي. پارليامينٽ اٺين آئيني ترميم ايڪٽ 1985 (شق A270 (3)) ذريعي The Federal Laws (Revision and Declaration) Ordinance 1981 کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيل آهي. معاملي تي مفادپرست ٽولن ۾ سڌارا مخالف ذهنيت پاران تنقيد تڏهن کان شروع ٿي ويئي هئي جڏهن وفاقي حڪومت پوليس ايڪٽ 1861 کي پوليس آرڊر 2002 ذريعي تبديل ڪيو هو. جڏهن ته پارليامينٽ 17هين ترميم ايڪٽ 2001 (شق 270AA (3)) ۽ پيهر 18هين ترميم ايڪٽ 2010 (شق 270AA (2)) ذريعي پوليس آرڊر 2002 کي اثرانداز يا لاڳو قرار ڏنو هو.

ان ۾ ڪو به اچرج نه آهي ته جڏهن پوليس آرڊر 2002 کي رٽ پٽيشن نمبر 2002/16244 ذريعي سپريم ڪورٽ ۾ چيلنج ڪيو ويو ته جسٽس تصدق حسين جيلاني، جيڪو بعد ۾ چيف جسٽس به مقرر ٿيو، پنهنجي فيصلي ۾ قرار ڏنو ته :

> *'This country is being run by a written Constitution. Criminal law is included in concurrent list of the Fourth Schedule to the Constitution of Islamic Republic of Pakistan. The Police Order 2002 is primarily relatable to the enforcement of the criminal law and policing; therefore, it would squarely fall within the said list. That being so, the Police Order 2002, is not ultra vires of the Constitution of Pakistan. The petition having no merit is accordingly dismissed.'*

انهي حڪم کي ڪڏهن به چيلنج نه ڪيو ويو.

اهو سمجهڻ وڌيڪ اهم آهي ته پوليس جي نگراني ۽ پوليس قانون ۾ تمام ٿورو فرق آهي. اهو ڪير به نٿو چوي ته پوليس صوبائي اسم نه آهي. پوليس تڏهن ئي صوبائي اسم بڻجي ويو هو جڏهن وفاقي قانون ذريعي پوليس ايڪٽ 1861 لاڳو ڪيو ويو هو. پوليس نگراني نئين پوليس آرڊر 2002 تحت به صوبائي اسم رهندي. ان ذريعي صوبا رڳو the Criminal Procedure Code, Pakistan Penal Code, or the Qanun-e-Shahadat ۾ معمولي ترميمون يا تبديلون ڪري سگهڻ جو اختيار رکن ٿا. صوبن تي آئين جي شق 143 ذريعي رڳو هڪ پابندي لاڳو ڪئي ويئي آهي ته جيڪڏهن صوبي پاران ڪيل قانونسازي، وفاق پاران ڪيل قانونسازي سان ٽڪراءُ ۾ اچي ٿي ته وفاقي پاران ڪيل قانونسازي کي اتم سمجهيو ويندو.

## پوليس آرڊر 2002 جي موجوده صورتحال

پاڪستان ۾ لاڳو موجوده پوليس سرشتي بابت اڇرج جوڳي ڳالهه اها آهي ته پوليس فورس کي سڄي ملڪ ۾ ڪنهن هڪ جهڙي قانون تحت نه پيو هلايو وڃي. پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ ڪجهه ترميمن سان گڏ پوليس آرڊر 2002 لاڳو آهي، جڏهن ته باقي صوبن ۾ پوليس ايڪٽ 1861 تحت ڪارونهوار جاري آهي. سنڌ ۽ بلوچستان 2011 ۾ متعارف ڪرايل قانون تي عمل ڪري رهيا آهن.

17هين آئيني ترميم ذريعي ترتيب وار 2003 ۽ 2010 ۾ پوليس آرڊر 2002 جي توثيق باوجود سنڌ اسيمبلي آئيني جي مڪمل لتاڙ ڪندي 13 جولاءِ 2011 تي پوليس آرڊر ختم ڪري ڇڏيو ۽ پوليس ايڪٽ 1861 بحال ڪري ڇڏيو. سنڌ جي گورنر پاران بئي ڏينهن تي ان قانون جي توثيق ڪندي ان کي لاڳو ڪيو ويو.

سنڌ جي پوئيواري ڪندي بلوچستان به 24 آگسٽ 2011 تي بلوچستان پوليس ايڪٽ 2011 لاڳو ڪري ڇڏيو. آئين جي شق 143 جي لتاڙ ڪندي پوليس آرڊر 2002 کي ختم ڪيو ويو ۽ آئين جي شق 175 جي ذيلي شق 3 جي خلاف ورزي ڪندي بلوچستان پوليس ايڪٽ 2011 ذريعي مئجسٽريسي انتظاميه کي بحال ڪيو ويو. چند تبديلين سان بلوچستان پوليس ايڪٽ 2011، پوليس ايڪٽ 1861 جي مڪمل نقل آهي پر هن ۾ ضلعي پوليس آفيسر يا ايس پي کي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي ماتحت ناهي بڻايو ويو.

ڪيترن ئي ذهنن ۾ موجود انهي قانوني غلط فهمي کي جيڪڏهن پاسيرو ڪندي پاڪستان جي سلامتي ۽ تحفظ واري اندروني ماحول کي سامهون رکجي ته ملڪ کي هڪ اهڙي پوليس سرشتي جي گهرج آهي جيڪو خاص طور تي وڌندڙ منظم ڏوهن ۽ دهشتگردي متعلق 21هين صدي جي چيلنجز کي منهن ڏيڻ جي مڪمل صلاحيت رکندو هجي. هاڻي اهو بين الاقوامي طور تي به تسليم ٿي چڪو آهي ته ٽٽل ڦٽل يا ورهايل قانونسازي بدران اهڙا پوليس قانون ۽ قاعدا جوڙڻ جي ضرورت آهي جنهن سان موجوده دور جي امن امان جي چيلنجز کي منهن ڏيئي سگهجي. پارليامنٽ ۽ سپريم ڪورٽ جي اها ذميواري بڻجي ٿي ته اها معاملن کي درست رخ ۾ جانچي ۽ اهڙا اپاءُ ڪٽي جنهن سان پوليس آرڊر 2002 وفاقي قانون طور سڄي ملڪ ۾ هڪجهڙو لاڳو ٿئي ۽ ان ۾ ضرورت پوڻ تي صوبا رڳو معمولي ترميمون ڪري سگهن.

جيئن ته اڳ ۾ چيو ويو آهي ته اسلام آباد، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ پوليس آرڊر 2002 بدران اڃا تائين پوليس ايڪٽ 1861 لاڳو آهي.

# پنجاب پوليس آرڊر ترميمي ايڪٽ 2013

پنجاب 2013 ۾ ان نتيجي تي پهتو ته پوليس آرڊر 2002 وفاقي حڪومت پاران لاڳو ڪيل اثرائتو قانون آهي پر پنجاب انهي ۾ پنجاب پوليس آرڊر ترميمي ايڪٽ 2013 ذريعي 4 ترميمون آنديون. ترميم تحت شق 7 سب انسپيڪٽرز جي سڌي ڀرتين متعلق آهي، جڏهن ته پوليس آرڊر ۾ رڳو اي ايس آءِ سطح تي سڌين ڀرتين جو اختيار ڏنو ويو هو. شق 18 گهٽو بحث هيٺ اينڊڙ ضلعي جاچ برانچ متعلق آهي. جاچ واري ڏڪئي ۽ پيچيده طريقيڪار ڪي تبديل ڪرڻ ۽ سولو بنائڻ لاءِ ان قانون ۾ شق 18A جو واڌارو ڪيو ويو. پوليس آرڊر جي شق 21 ۾ ترميم آڻيندي سب انسپيڪٽر جي عهدي ڪي ايس ايچ او جي مقرري سان جوڙيو ويو. آخر ۾ پنجاب پوليس آرڊر ترميمي ايڪٽ 2013 پوليس آرڊر 2002 جي شق 184 ڪي مڪمل ختم ڪري ڇڏيو هو. شق 184 ڪجهه هن ريت هئي:

> *'Without prejudice to the power of the Federal Government to amend this Order, any Provincial Government may, with the approval of the Chief Executive of the Islamic Republic of Pakistan, amend, vary or modify any provision of this Order relating to the Province on the basis of its specific requirements and circumstances.'*

پوليس آرڊر 2002 جي شق 7، 18 ۽ 21 صوبائي حڪومت جي عملداري ۾ آهي پر

شق 184 جو خاتمو آئين جي شق 143 جي مڪمل لتاڙ آهي ۽ رد ڪرڻ جوڳي آهي.

جيستائين پوليس آرڊر 2002 تي عمل درآمد جو تعلق آهي، پنجاب پوليس آرڊر ترميمي ايڪٽ 2013، صوبي ۾ صوبائي يا ضلعي سطح تي ڪابه پبلڪ سيفٽي ڪميشن جو وجود نه آهي ۽ نه ئي وري پنجاب پوليس ڪمپلينٽس اٿارٽي جوڙي ويئي آهي. انهي ڪانسواءِ ان صوبائي قانون ۾ پوليس آرڊر 11 ۽ 15 تحت آءِ جي، سي سي پي او، سي پي او ۽ ڊي پي او جي ٽن سالن واري مقرر‌ري واري مدي تي عمل درآمد ڪيو وڃي پيو. ٻئي لفظن ۾ پنجاب ۾ پوليس آرڊر 2002 پنهنجي بنيادي ۽ اهم شقن تي عملدرآمد ڪان محروم آهي.

## سنڌ پوليس ايڪٽ 2014 (رٿيل مسودو)

سنڌ جي صوبائي حڪومت آئين جي لتاڙ ڪندي تڪڙ ۾ 13 جولاءِ 2011 تي سنڌ پوليس ايڪٽ 2011 منظور ڪري ڇڏيو جيڪو پوليس آرڊر 2002 جو خاتمو ۽ پوليس ايڪٽ 1861 جي بحالي هو. تڪڙ ۾ نئين قانون سازي پويان مقصد سڌارا نه پر پوليس ايڪٽ 1861 ڪي 23 آگسٽ 2002 واري پراڻي حالت جي پيهر واپسي هو، جنهن ڪان هڪ ڏينهن پوءِ پوليس آرڊر 2002 لاڳو ڪيو ويو هو. ان سان وفاقي حڪومت پاران 12 آگسٽ 2001 تي پوليس ايڪٽ 1861 ۾ ترميم ڪندي جاري ڪيل

پوليس ترميمي آرڊر 2001 به سنڌ ۾ پوليس ايڪٽ 1861 جو حصو بنجي ويون هيون. سنڌ پوليس ايڪٽ 2011 ذريعي پوليس آرڊر 2002 جي خاتمي ۽ پوليس ايڪٽ 1861 جي بحالي بعد ضلعي پوليس ڪي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريسي انتظاميه ماتحت بڻائي ڇڏيو هو.

سنڌ پوليس عملي طور تي پوليس ايڪٽ 1861 سان ڳنڍيل آهي، جسٽس ناصر اسلم زاهد جي سربراهي ۾ ليگل ايڊ آفيس جي سهڪار ۾ جوڙيل Pakistan Forum on Democratic Policing (PFDP) سنڌ پوليس ايڪٽ 2014 جو مسودو تيار ڪيو ته جيئن سنڌ ۾ پوليس جي سرشتي ڪي موجوده دور جي چيلنجز ۽ ضرورت پٽاندڙ بنائي سگهجي. قانون جو اهو مسودو ماضي ۾ سنڌ پوليس ڪي پيش ايندڙ ڏکيائن جهڙوڪ سياسي مداخلت، مقرري واري مدي جو عدم تحفظ، ٿاڻو ڪلچر، ڪرپشن ۽ اثرائتي احتساب جي کوٽ جي مسئلن سان آگاهه آهي. سنڌ سرڪار، سنڌ پوليس ڪي هدايت جاري ڪئي آهي ته اهي پنهنجي قانون واري شعبي ذريعي سنڌ ۾ نئين پوليس سرشتي لاءِ قانونسازي جو مسودو تيار ڪن.

جيئن ته سول سوسائٽي جون پاڪستان ۾ پوليس سرشتي جي بحران بابت ڳڻتيون ۽ سڌارن لاءِ ٿيندڙ ڪوشش ڪي پليڪار چئجي ٿو پر ان موقعي تي اهو پڻ بحث ڪرڻ جي ضرورت آهي ته ڇا پوليس آرڊر 2002 اڃا به اثرائتو لاڳاپيل قانون آهي يا نه. جيڪڏهن آهي ته اسان ڪي ان تي غور ڪرڻ گهرجي ته کهڙيون ضروري ترميمون پوليس آرڊر 2002 ۾ ڪرڻ گهرجن. ڇا اهي ترميمون عام هجن يا ڪنهن صوبي جي تناظر ۾ ڪرڻ گهرجن يا پوءِ هر صوبي لاءِ نئون پوليس قانون تيار ڪرڻ جي گهرج آهي.

## پوليس جي بنيادي ڍانچي ۽ اهليت ۾ اضافي بابت معاملا

سموري پاڪستان جي پوليس فورس بنيادي ڍانچي ۽ اهليت ۾ اضافي جي انتهائي مسئلن جي ور چڙهيل آهي. ڪجهه دير سان ئي صحيح پر ان مسئلي جي حل لاءِ جاڳرتا ۽ دلچسپي پيدا ٿي آهي، خاص طور تي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي استعمال لاءِ اهو محسوس پيو ڪيو وڃي ته ان معاملي تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. پوليس آرڊر 2002 تحت گهرو وزارت جي ماتحت نيشنل پوليس بيورو کي قانوني طور ڪردار ادا ڪرڻ جي ذميواري ڏني ويئي هئي ته اهو ملڪ ۾ پوليس جي بنيادي ڍانچي ۽ اهليت ۾ اضافي جي مسئلن کي معياري ۽ جٽادار نموني سان حل ڪري.
ان حوالي سان نيشنل پوليس بيورو پوليس کي جديد بنيادن تي اڳتي وڌائڻ لاءِ سال 2004 کان 2008 تائين انيڪ منصوبا شروع ڪيا.[15]

### فنگرپرنٽ جي نشاندهي جو خودڪار نظام (اي ايف آءِ ايس)
### Automated Fingerprint Identification System (AFIS)

هن منصوبي جو مقصد شڪي ملزمن جي فنگرپرنٽس کي اليڪٽرانڪ طريقي سان محفوظ ڪرڻ، ڏوهارين جي فنگرپرنٽس جو سمورو ريڪارڊ ڪمپيوٽرائيزڊ ڪرڻ ۽ اهڙو آن لائين ڊيٽابيس تيار ڪرڻ هو جنهن سان پاڪستان جي هر ضلعي ۾ موجود پوليس هيڊڪوارٽر کي انهي تائين سولي رسائي هجي. مارچ 2006 ۾ هڪ ارب 10 ڪروڙ روپين جي تخميني سان شروع ڪيل هن منصوبي تحت فنگرپرنٽس جي مرڪزي ڊيٽابيس کي ايف آءِ اي هيڊڪوارٽر اسلام آباد ۾ رکڻو هو ۽ ان کي Multifunctional Workstations (MFWS) سان ڳنڍيندي گادي واري هنڌن اسلام آباد، ڪراچي، لاهور، پشاور ۽ ڪوئيٽا ۽ ملڪ جي 155 جاين تي ان جي رسائي کي ممڪن بنائڻو هو.

### پوليس ريڪارڊ ۽ آفيس مينيجمنٽ بابت ڄاڻ جو نظام (پرومس)
### Police Record and Office Management Information System (PROMIS)

هن منصوبي تحت پوليس کي انفارميشن ٽيڪنالاجي جو ڍانچو تيار ڪري ڏيڻو هو جيئن سندن اهليت ۽ اثر ۾ اضافو ڪري سگهجي. ان تحت ملڪ جي سموري پوليس ٿاڻن جي ريڪارڊ کي ڪمپيوٽرائيزڊ بنائي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻو هو. ان سان پوليس جي خاص طور تي منظم ڏوهن، اعلي سطحي ڪيسن ۽ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ واري آپريشنل اهليت ۽ استعداد ۾ به اضافو ڪرڻو هو. 2006 ۾ جاري ٿيندڙ ان منصوبي تي هڪ ارب 40 ڪروڙ روپين جو تخمينو لڳايو ويو هو ۽ اهو منصوبو 2009 ۾ مڪمل ٿيو.

### ٽرنڪ ريڊيو (وائرليس) جو قومي سطح تي مربوط نظام
### Nationwide Integrated Trunk Radio System (NITRS)

جيئن ته پوليس جو پاڻ ۾ رابطي يا ڪميونيڪيشن جو نظام مدي خارج ۽ پراڻو ٿي چڪو هو، اهو فيصلو ڪيو ويو ته پوليس کي وائرليس جو هڪ جديد، محفوظ ۽ پروسي جوڳو سرشتو ڏجي. 2008 ۾ جڏهن ان کي شروع ڪيو ويو ته (NITRS) جي پهرين مرحلي جو تخمينو هڪ ارب 95 ڪروڙ

[15] The author had an incredible stint as Director General, National Police Bureau, from 2004-2008.

سکيا مرڪز جو قيام به انهي منصوبي جو هڪ حصو هو.

## بلوچستان جي ”بي“ علائقي جي ”اي“ علائقي ۾ شموليت

بلوچستان 2003 تائين ٻن مختلف سرشتن تحت ڪنٽرول ڪيو ويندو هو. سموري صوبي کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هو جنهن ۾ شهري علائقا ( اي ايريا) (صوبي جو 5 سيڪڙو) ۽ ٻهراڙي وارا علائقا (بي ايريا) (صوبي جو 95 سيڪڙو) شامل هئا. پوليس کي اي ايريا جو انتظام سنڀالڻ جي ذميواري ڏني ويئي هئي، جڏهن ته بلوچستان ليويز کي بي ايريا حوالي ٿيل هو. نيشنل پوليس بيورو جي سهڪار سان پوليس جي انتظام هيٺ حصي ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ وفاقي حڪومت هڪ منصوبي [16] جي شروعات ڪئي جنهن تي عمل درآمد جي ذميواري بلوچستان حڪومت حوالي ڪئي ويئي. ان منصوبي جي لاڳت 5 ارب 51 ڪروڙ روپيا ڪاٿو ڪئي ويئي ۽ ان کي 2007 ۾ مڪمل ڪيو ويو. ان منصوبي ۾ پوليس لاءِ عمارتون، نفري ۾ اضافو ۽ سنڌن سکيا، پوليس لاءِ گاڏين ۽ ضروري اوزارن جي خريداري ۽ سموري بي ايريا کي ليويز کان حاصل ڪري پوليس انتظام هيٺ آڻڻو هو. پر افسوس سان چوڻو ٿو پئي ته صدين ۾ ٿيندڙ ان سڌاري کي 2010 ۾ بلوچستان حڪومت پوئتي ڪري ڇڏيو ۽ اهو سڀ ڪجهه 18هين ترميم جي دهل ڏماڪن واري پاڇي ۾ ڪيو ويو. بلوچستان حڪومت جي اهڙي عمل کي بلوچستان هائيڪورٽ ۾ چيلنج ڪيو ويو ۽ اهو ڪيس اڃا تائين التوا هيٺ آهي.

روپيا لڳايو ويو، جنهن کي 2009 ۾ مڪمل ڪيو ويو. پهرين مرحلي ۾ محفوظ، اثرائتي، پروسي جوڳي ۽ جديد ٽيڪنالاجي تي ٻڌل ڪميونيڪيشن سرشتي کي اسلام آباد، راولپنڊي، لاهور، ڪراچي، پشاور ۽ ڪوئيٽا ۾ نصب ڪيو ويو، جنهن جو مين سوئيچنگ آفيس TETRA اسلام آباد ۽ ڪراچي ۾ قائم ڪيو ويو. ٻئي مرحلي ۾ رٿيو ويو ته اها سهولت پوليس جي ڊويزنل ۽ ضلعي هيڊڪوارٽرز ۽ ٽين مرحلي ۾ پاڪستان جي سموري پوليس اسٽيشن ۽ پوليس پوسٽس تي فراهم ڪئي ويندي.

## نيشنل فارينسڪ سائنس ايجنسي (اين ايف ايس اي)

National Forensic Science Agency (NFSA)

پاڪستان کي جاچ لاءِ انتهائي جديد فارينسڪ اوزار فراهم ڪرڻ، پوليس جاچ جي معيار کي بهتر ڪرڻ، شاهدين جي بنياد تي قانوني ڪارروائي ته جيئن انصاف تي ٻڌل سزائون ڏيئي سگهجن ۽ ملڪ ۾ انساني حقن جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ نيشنل پوليس بيورو کي اها اضافي ذميواري ڏني ويئي ته اهو 3 ارب 48 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان اين ايف ايس اي جو قيام عمل ۾ آڻي. انهي منصوبي جو مقصد اسلام آباد ۾ مرڪزي ۽ صوبائي هيڊڪوارٽرن ۾ فارينسڪ ليبارٽري قائم ڪرڻ هو جنهن ۾ سائنسي ۽ ڪيميائي جاچ، فارينسڪ مائيڪروبائيلاجي، ڊي اين اي ٽيسٽ، ڪمپيوٽر فارينسڪ ۽ ڌماڪيدار مادي جي خودڪار جاچ ڪرڻ واري سهولت موجود هجي. پاڪستان پوليس لاءِ ملڪ جي پهرين ڊي اين اي ليبارٽري 31 مارچ 2006 تي اسلام آباد ۾ چين جي حڪومت جي سهڪار سان قائم ڪئي ويئي. انتهائي جديد فارينسڪ

16 The author proposed and successfully steered the conversion project, while he was Inspector General Police Balochistan (2001-2004).

## بلوچستان ڪانسٽيبلري کي متعارف ڪرائڻ

بلوچستان جي بي ايريا کي اي ايريا ۾ منتقلي سان گڏوگڏ مناسب، سکيا ورتل ۽ جديد هٿيارن ۽ اوزارن سان ليس ڪانسٽيبلري کي تيار ڪرڻ هو ته جيئن ان کي بلوچستان پوليس لاءِ اضافي نفري طور استعمال ڪري سگهجي. ان ڪان اڳ ۾ بلوچستان ريزرو پوليس (بي آر پي) موجود هئي، جنهن جي نفري سگهه 4000 هئي. بي آر پي جي سهائتا لاءِ وفاقي حڪومت 2003 ۾ بلوچستان ڪانسٽيبلري جي نالي سان 6000 اضافي نفري جي پرتي لاءِ 4 ارب 14 ڪروڙ جي لاڳت سان هڪ منصوبو شروع ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. ان منصوبي تحت نيون پرتيون ڪيون ويون، نيون پوليس عمارتون اڏيون ويون، ٽرانسپورٽ ۽ ڪميونيڪيشن جي سهولت فراهم ڪندي نفري کي جديد هٿيارن ۽ اسلحي سان ليس ڪيو ويو.

## صوبن ۾ اهليت ۾ اضافي جون ڪوششون

نيشنل پوليس بيورو پاران ۽ ان ذريعي عمل هيٺ پوليس جي ڍانچي ۽ اهليت ۾ اضافي جي منصوبن سان گڏوگڏ، صوبن پوليس فورس کي جديد ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. انهن پاران پوليس جي دهشتگردي سان ويڙهه وارن شعبن تي گهڻو خرچ ڪيو ويو.

پوليس کي جديد بنائڻ واري ڪوشش ۾ صوبن پاران پرڏيهي مالي سهائتا به حاصل ڪئي وئي جنهن ۾ ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاران فراهم ڪيل 35 ڪروڙ ڊالرن جو ”انصاف تائين رسائي“ جو پروگرام به شامل آهي. يورپين يونين، برطانيه جي ترقياتي اداري (DFID)، آمريڪا جي US Bureau of International Narcotics and Law Enforcement Affairs (INL) ۽ آسٽريليا فيڊرل پوليس (اي ايف پي) پاران امداد فراهم ڪئي وئي ته جيئن صوبن ۾ پوليس جي اهليت ۾ اضافو ڪري سگهجي. رڳو 2009 ۾ 4 ارب 21 ڪروڙ روپين جي آمريڪي سول امداد ڏني وئي. 2010 ۾ پوليس جي پيشيوراڻي اهليت ۾ اضافي، اوزارن ۽ سکيا لاءِ آمريڪا پاران 15 ڪروڙ ڊالرن جي مالي سهائتا فراهم ڪئي وئي.

پنجاب لاهور ۾ انتهائي جديد فارينسڪ ليبارٽري جي قيام ۾ اڳڀرائي ڪئي. لاهور ۾ جديد ڪمانڊ ۽ ڪنٽرول سرشتو پنهنجو ڪم شروع ڪرڻ وارو آهي، جنهن ۾ ترڪي جي نيشنل پوليس جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن. 2014 ۾ ناروي پاران پنجاب پوليس جي اهليت ۾ اضافي لاءِ 7 لک ڊالرن جي مالي سهائتا فراهم ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو.

سنڌ پاران گهٽي وقت ڪان گهربل فارينسڪ سکيا اسڪول قائم ڪري ورتو آهي جتي ڏوهه واري هنڌ يا جاءِ واردات جي انتظام، جسماني شاهدين جي تجزئي، بنيادي جاچ ۽ فنگرپرنٽ کي جانچڻ لاءِ سکيا ڏني ويندي آهي. سنڌ جي ڪرائيم جي جاچ واري شعبي ڊيجيٽل فارينسڪ ليبارٽري به قائم ڪئي آهي جيڪا دهشتگردي کي ڀنجو ڏيڻ واري ڪوشش ۾ سهائتا فراهم ڪري پئي. اها ليبارٽري تباهه ٿيل يا خراب ٿيل ڪمپيوٽر مان فائيلن ۽ ڊيٽا، ختم ڪيل انٽرينٽ برائوزنگ هسٽري، اي ميلن کي ٻيهر حاصل ڪرڻ ۾ سهائتا فراهم ڪندي آهي. انهي ڪانسواءِ سنڌ پوليس کي جديد بنيادن تي هلائڻ لاءِ ٻيون ڪيترين ئي ڪوششون جاري آهن.

خيبرپختونخواهه ۾ پوليس کي بهتر ڪرڻ ۾ ڪافي اڳڀرائي ڪئي آهي. صوبي پاران اسپيشل پوليس سکيا لاءِ ڪيترائي نوان اسڪول قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ حيات آباد، پشاور ۾ پوليس اسڪول فار انويسٽيگيشن، پوليس اسڪول آف ٽيڪٽس، پوليس اسڪول آف انٽيليجنس، ايبٽ آباد، پوليس اسڪول آف پبلڪ ڊس آرڊر اينڊ رائيٽ مينيجمنٽ، مردان، پوليس اسڪول آف ايڪسپلوسو هينڊلنگ، نوشهره ۽ اسڪول آف آءِ ٽي پشاور شامل آهن. جاءِ واردات تان شاهديون گڏ ڪرڻ جي سلسلي ۾ پشاور، ايبٽ آباد ۽ ڊيرا اسماعيل خان ۾ موبائيل فارينسڪ ليبارٽريون به قائم ڪيون ويون آهن. انفارميشن ٽيڪنالاجي ذريعي پوليس نگراني واري ڪم لاءِ جيو ٽيگنگ، شناخت جي تصديق جو نظام، ايف آءِ آرز کي ڊيجيٽل ڪرڻ، گاڏين جي تصديق جو نظام، مسواڙين جي جاڇ جو نظام، پوليس جي سهائتا لاءِ لائين جو قيام ۽ پوليس ايڪسيس سروس جهڙا منصوبا به ذڪر جوڳا آهن. انهي ڪانسواءِ بين الاقوامي سهائتا سان دهشتگردن سان ويڙهه لاءِ هٿياربند نفري ڪٽنڊڙ گاڏيون (APCs)، نگراني وارا اوزار، جي آءِ ايس نظام ۽ رات جي اونداهي ۾ ڏسندڙ چشما ( night-vision binoculars) وارا اضافي منصوبا به صوبي ۾ شروع ڪيا ويا آهن.

بلوچستان وفاقي حڪومت کان ٻن ميگا رٿائن لاءِ 10 ارب روپين جي گرانٽ حاصل ڪئي. صوبائي حڪومت جيتوڻيڪ بي ايريا کي اي ايريا ۾ منتقل ڪرڻ ۽ بلوچستان ڪانسٽيبلري تيار ڪرڻ ۾ پوئتي هٽي ويئي پر پوليس جي اهليت ۾ اضافي ۽ فني سهائتا لاءِ بين الاقوامي امدادي ادارن جي سهڪار سان مختلف منصوبا جاري آهن. 2014 ۾ هالينڊ حڪومت گڏيل قومن جي هڪ اداري UNODC جي سهڪار سان بلوچستان حڪومت لاءِ 25 لک ڊالرن جو هڪ چئن سالن وارو پروگرام شروع ڪيو. بلوچستان پوليس جي فارينسڪ مهارت وڌائڻ لاءِ آسٽريليا جي پوليس 73300 ڊالرن جي ماليت جا ٻه فارينسڪ اوزار بلوچستان حڪومت حوالي ڪيا آهن جنهن ۾ هڪ شڪي دستاويزن کي جانچڻ لاءِ ESDA ۽ ٻيو ڏماڪيدار مادي جي نشاندهي لاءِ Comparison Microscope آهي. انهي ڪانسواءِ هر سال پوليس جي اهليت ۾ اضافي لاءِ سيمينار وغيره ڪوئرائڻ به انهي گرانٽ ۾ شامل آهي.

انهي جي باوجود ته وفاقي ۽ صوبائي سطح تي پوليس جي ڪارڪردگي ۾ بهتري لاءِ مختلف رخن ۾ ڪوششون جاري آهن ۽ پوليس کي جديد ٽيڪنالاجي سان ليس ڪيو پيو وڃي، پوليس جي گهربل اهليت واري منزل اڃا گهڻو اڳتي آهي. پنجاب ۾ انتهائي جديد فارينسڪ ليبارٽري جي قيام جي باوجود پوليس جي روايتي طريقن ۾ ڪابه تبديلي ڪانه آئي آهي. جاچ جي معيار، ڏوهارين کي سزا ڏيڻ ۽ انساني حقن جي صورتحال ۾ غير معمولي يا ظاهري بهتري ناهي اچي سگهي. انهي جو سبب اهو آهي ته جيستائين پوليس جي بنيادي ڍانچي ۽ ڪلچر کي تبديل نه ڪيو ويندو، پوليس نظام ۾ ٽيڪنالاجي جو استعمال اداري جي ڪارڪردگي ۾ بهتري جو اڪيلو ذريعو نه بڻجي سگهندو.

## ڪارڪردگي ۽ اهليت جو بحران

سموري دنيا ۾ ڪارڪردگي ۽ اهليت جي بحران ۾ ڦاٿل پوليس جو مرڪز اٿارٽيون خدمتون فراهم ڪرڻ آهي. اهڙو بحران پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ وڌيڪ اونهو ٿي وڃي ٿو جڏهن پوليس ۾ ٽيندڙ پرتيون ميرٽ کان مٿانهون ٿين ٿيون. پوليس ۾ اچڻ کان اڳ ۽

پوءِ ملندڙ سکيا جو معيار غيرمناسب آهي. اڄ ڏينهن تائين به لاڳيتو پيشوراڻي سکيا کي اهلڪارن ۽ آفيسرن جي ترقين لاءِ ضرورت طور محسوس ناهي ڪيو ويو ۽ نه ئي ڪيريئر ۾ واڌ کي ڪارڪردگي ۽ اهليت سان مشروط ڪيو وڃي ٿو. اهڙو ڪوبه سائنسي طريقو موجود نه آهي جنهن سان پوليس اهلڪارن جي پيشيوراڻي پيداواريت کي جانچي سگهجي يا انهن کي ڏنل ٽاسڪ جو تجزيو ڪري سگهجي. پوليس ۾ سينيارٽي ۽ فٽنيس تي ٻڌل ترقين واري پاليسي جو مقصد بهترين آفيسر جي چونڊ ڪرڻ ناهي هوندو ۽ آخر ۾ ڪاٽي ۾ خراب ڪارڪردگي تي احتساب جي نظام جو به ڪو وجود ئي ناهي.

## سکيا

موجوده امن امان واري صورتحال ۽ پوليس جي قانون ڪرڻ واري فرض جي تناظر ۾ فورس کي ضروري ۽ لاڳيتو سکيا فراهم ڪرڻ جي بنيادي اهميت آهي. معاشري ۾ استحڪام قائم رکڻ جي حوالي سان پوليس جو ڪردار اڻٽر آهي ۽ خاص طور تي اهڙي صورتحال ۾ جڏهن ڏوهارين يا ڏوهه ڪندڙن وچ ۾ رابطو سولو هجي ۽ هٿيارن جي دستيابي به گهٽي هجي ته ڏوهن جي شناخت ۽ انهن کي ٻنجو ڏيڻ ۾ پوليس جو ڪردار مرڪزي بنجي وڃي ٿو. منظم ۽ وائيٽ ڪالر ڏوهارين ۽ دهشتگردن جو سولائي سان ڏوهه ڪرڻ يا قانون جي پهچ مان نڪري وڃڻ، پوليس کي سکيا ڏيندڙن لاءِ وڏو چيلنج بڻيل آهي. تنهن جي ڪري روايتي پوليس لاءِ سکيا جا پروگرام نه رڳو لاڳاپيل بنائڻا پوندا پر نين چيلنجز ۽ مجبورين کي بامقصد طريقي سان منهن ڏيڻو پوندو. تنهن جي ڪري پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي پيشيوراڻي ۽ معياري سکيا ڏيڻ لاءِ اهڙا گس ڳولهڻا پوندا جنهن سان سکيا جا طريقا ۽ ذريعا اثرائتا بنجي سگهن. 21هين صدي ۾ پوليس جي نگراني لاءِ فورس کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ مهارت ڏيڻ لاءِ سکيا جو بندوبست ڪرڻو پوندو. مثال طور اهي آفيسر جيڪي قتل جي معاملن جي جاچ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ گهرن ٿا انهن کي روايتي ساليانى يا ورلي سکيا بدران هر ٽئين مهيني جاچ لاءِ سکيا پروگرام ۾ شامل ڪرڻو پوندو. پوليس آفيسرن لاءِ سکيا کي جديد قائداڻي صلاحيت سان ڀرپور بنائڻو پوندو جنهن سان هو تخليقي ۽ تنقيدي سوچ لاڳو ڪري گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهن.

جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ پوليس سکيا جي معيار ۾ ڪافي بهتري آئي آهي، سکيا جدول اڃا تائين پراڻا ۽ مدي خارج آهن ۽ گهربل تبديلي کان وانجهيل آهن. پوليس سکيا جو لاڳو فلسفو اڃا تائين مدي خارج سوچڻ ۽ خيال جو قيدي آهي. نيشنل پوليس بيورو، نيشنل پوليس اڪيڊمي ۽ صوبائي پوليس سکيا ڪاليج، پرڏيهي سهڪار سان دهشتگردي کي ٻنجو ڏيڻ، انساني حقن ۽ گڏيل قومن جي مشن لاءِ انيڪ سکيا پروگرام ترتيب ڏيندا رهيا آهن پر انهي سکيا جي سندس ڪيريئر ۾ واڌ يا لاڳاپو اڃا تائين غير واضح آهي. پاڪستاني پوليس آفيسرن لاءِ ترڪي، ناروي، اٽلي ۽ ڪينيڊا ۾ لاڳيتو سکيا پروگرام ٿين پيا پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پوليس آفيسرن جي سکيا لاءِ نئين نصاب جي تياري سان گڏوگڏ سکيا لاءِ ضرورت جي تشخيص به ضروري آهي. جيستائين سکيا کي پوليس پيشيوراڻي مهارت جو اڻٽٽ حصو نه بنايو ويندو، ان جو معيار ۽ لاڳاپو ڊرامائي انداز ۾ تبديل نٿو ٿي سگهي. اسان کي پوليس جي پيشيوراڻي آفيسرن جي مختلف درجن لاءِ سرٽيفيڪيٽ يا ڊگري جاري ڪندڙ ڪاليجن جي گهرج آهي. سرٽيفيڪيٽ يا ڊگري حاصل ڪندڙ آفيسرن کي هر سال 30 کان 40 ڪلاڪ ساليانو سکيا ڏيڻي پوندي.

چاڙهايل ڪاليج کي انهن آفيسرن جا سرٽيفيڪيٽ معطل ڪرڻا پوندا جيڪي ڪارڪرگي جون لازمي گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن ۽ اهڙن آفيسرن کي اڳئين عهدن لاءِ ترقي لاءِ غور هيٺ نه آڻڻ گهرجي.

مختلف ڪاتن ۾ ٿيندڙ سکيا گهٽي قدر وقت، ڪوشش ۽ وسيلن جو زيان سمجهيو ويندو آهي. ان ڳالهه جو اڻ چٽو يا گهٽ ثبوت موجود آهي ته اهي آفيسر جيڪي لازمي نيشنل مينيجمنٽ ڪورس يا لازمي سينيئر مينيجمنٽ واري ڪورس لاءِ ويندا آهن، اهي پنهنجي اڳتي هلي پيشيوراڻي ذميوارين ۾ غيرمعمولي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندا آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سکيا واري سوچ جي بنياد کي تبديل ڪندي نيشنل اسڪول آف پبلڪ پاليسي (اين ايس پي پي) ۾ ڇئن هفتن وارو ڪورس ڪرائجي جنهن کان بعد انهن کي 3 کان 4 مهينن واري پيشيوراڻي سکيا لاءِ موڪلجي ۽ اها سکيا هر سروس گروپ لاءِ يا ته اين ايس پي پي ۾ ٿيڻ گهرجي يا لاڳاپيل ڪاتي جي سکيا اڪيڊمي ۾ ڏيڻ گهرجي.

## سياسي بنيادن تي ڪيل ڀرتيون، مقرريون ۽ ترقيون

سياسي بنيادن تي ڪيل ڀرتيون، مقرريون ۽ ترقيون اسانجي پوليس ڪاتي لاءِ ناسور ۽ بربادي ڪانسواءِ ڪجهه ناهن. جيڪڏهن ڪو پوليس آفيسر اهليت يا ميرٽ تي ڀرتي نٿو ٿئي ته اهو سکيا کي به سنجيده طريقي سان حاصل نه ڪندو ۽ مقرري تي به وڃڻ لاءِ تيار نه ٿيندو جيڪڏهن اها سندس پسند موجب ناهي ٿي. هو پنهنجي ترقي لاءِ به ٻاهريون يا سياسي دٻاءُ ذريعي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. سندس آفيسر به هن ڀاران ڪيل غلط ڪمن جو احتساب نه ڪري سگهندا. بناڪنهن شڪ جي سندس ڪيريئر دوران ڪاتي جي عمل کي پٺي ڏيندڙ اهڙو غيرمهذب ۽ قاعدن جي ابتڙ لاڙو اداري تي غيرمعمولي منفي اثر ڇڏيندو آهي. نتيجي طور پوليس آفيسرن ۾ جمهوري معاشري جي بهتري لاءِ تنقيدي ۽ بنيادي سوچ پيدا ٿيڻ بدران عدم استحڪام ۽ خوف جنم وٺندو.

جيتوڻيڪ سپاهي سطح تي ٿيندڙ پوليس ڀرتيون ٻاهرين ادارن جهڙوڪ نيشنل ٽيسٽنگ سروسز (اين ٽي ايس) ذريعي ڪيون وينديون آهن پر اهو عمل اڃا به شفاف ۽ ساک جو متقاضي آهي. ان سان اهو پڻ ثابت ٿئي ٿو ته اها پوليس قيادت جي نااهلي آهي جو هو عوام جو ڀرپور اعتماد حاصل ناهي ڪري سگهي. پوليس آرڊر 2002 تحت گهٽ ۾ گهٽ پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ اي ايس آءِ ۽ سب انسپيڪٽر سطح تي ٿيندڙ ڀرتيون لاڳاپيل پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ڪيون وينديون آهن. اي ايس پي سطح تي ٿيندڙ ڀرتيون وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي اڳيئي ٿين پيون. جڏهن ته رياستي ادارن ۾ ڀرتين لاءِ ٿيندڙ هيراڦيري واري ماحول ۽ ڪميشن ذريعي ٿيندڙ ڀرتيون به شفاف ۽ بي ضابطگي کان پاڪ نه سمجهيون وينديون آهن.

ڀرتين جي ڍانچي ۾ بنيادي سڌارا آڻيندي سڄي ملڪ ۾ هڪجهڙو پوليس قانون لاڳو ڪرڻ جي گهرج آهي ته جيئن ڏوهاري پوليس جي معاملن ۾ پنهنجو اثر استعمال نه ڪري سگهن ۽ قانوني حيثيت ڏيڻ سميت ڀرپور وسيلا فراهم ڪيا وڃن ته جيئن اهليت، ڪارڪردگي، ساک رکندڙ، جوابدي ۽ پيشيوراڻي پوليس فورس جوڙي سگهجي.

## نظام جي خرابي جا مسئلا

پاڪستان ۾ مدي خارج پوليس سان مهاڏو اٽڪائڻ آڏو ڪيترائي مسئلا نظام جي خرابي ۾ به موجود آهن. انهن ۾ ورثي ۾ مليل پوليس سرشتو، پوليس معاملن ۾ سياسي مداخلت، اڏوهي کاڌل پوليس ڍانچو، ڪارڪردگي ڪي جانچڻ لاءِ بين الاقوامي معيار جو نه هجڻ، پيشيوراڻي سوچ جي کوٽ، موجوده چيلنجز کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس جو تيار نه هجڻ، پوليس جو ماڻهن سان اڻنگو رويو، ڪرپشن، احتساب جو ڪمزور سرشتو، ترقيون حاصل ڪندڙ آفيسرن جي نتيجي ۾ سڌي پرتين وارن کي ترجيح، اڻپورو پوليس بجيٽ، ڪم ڪرڻ لاءِ بدترين ماحول، ٽيڪنالاجي ۽ فارينسڪ جي اڻپوري سهائتا ۽ خراب ٽيندڙ پوليس ۽ عوام جو رشتو شامل آهن. جيتوٽيڪ نظام جي خرابي جا مسئلا تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن پر انهن مان ڪجهه جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

## پوليس جي نامناسب سگهه ۽ بجيٽ جي کوٽ

پاڪستان جو پوليس سرشتو سنجيده نوعيت جي معياري ۽ مقداري اڻ هوند سان پريل آهي. گڏيل قومن جو معيار سفارش ڪري ٿو ته پوليس ۽ آبادي جو تناسب 1:222 هجڻ گهرجي، پر پاڪستان ۾ اهو پيٺ نه ڪرڻ جهڙو 1:500 آهي. هيٺ ڏنل جدول ۾ هڪ جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

في ڪس خرچ 1985 ۾ 22 روپيا يا 1.375 (16 روپيا) ڊالر هو. 2015 ۾ امن امان جي غير معمولي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اسان جي پوليس جو في ڪس خرچ 105 روپيا يا هڪ ڊالر (105 روپيا) آهي. ٻئي لفظن ۾ پوليس تي ٽيندڙ في ڪس خرچ ڊالر جي لحاظ سان 0.375 ڊالر گهٽيو آهي. ان جو اهو مطلب ٿيو ته جيڪڏهن 1985 سان ڀيٽا ڪئي وڃي ته چئني صوبن ۾ پوليس بجيٽ ۾ 73 ارب روپين جي کوٽ آهي. ٻئي پاسي جيڪڏهن اسان پاڪستان ۾ وي آءِ پيز لاءِ مقرر 30 سيڪڙو پوليس کي شامل نه به ڪريون ته پوليس آبادي جو تناسب وڃي 1:720 تي وڃي چيهه ڪندو. پوليس آبادي جو تناسب بحث هيٺ آڻڻ مهل اسان کي پوليس فورس جو معيار ۽ امن امان جي موجوده صورتحال کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي.

جيڪڏهن پوليس بجيٽ کي ڏسجي ته پوليس ڪميٽي 1985 جي رپورٽ موجب پوليس جو

| | الف | ب | پ | ج | د |
|---|---|---|---|---|---|
| | آبادي [1] | پوليس سگهه | پوليس آبادي جو تناسب | بجيٽ -2015 16 (ارب روپين ۾) | پوليس تي ٽيندڙ في ڪس خرچ |
| پنجاب | 91,379,615 | 180,000[2] | 507 | 87.90[6] | 96 روپيا |
| سنڌ | 55,245,497 | 105,234[3] | 524 | 61.82 [7] | 112 روپيا |
| خيبرپختونخواهه | 26,896,829 | 65,000[4] | 414 | 32.74[8] | 121 روپيا |
| بلوچستان | 13,162,222 | 38,000[5] | 346 | 13.70[9] | 104 روپيا |

عالمي طور پوليس تي في کس ٿيندڙ خرچ 50 ڊالر (5 هزار روپيا) آهي، جڏهن ته آمريڪا ۽ برطانيه جهڙن ملڪن ۾ في کس خرچ 250 ڊالر (25 هزار روپيا) آهي.

پوليس لاءِ مختص رقمن لاءِ پيش ڪيل اهڙي قسم جي پيٽ مان ثابت ٿئي ٿو ته پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن لاءِ پگهارون، رهائش، ٽرانسپورٽ ۽ صحت جون سهولتون ناڪافي آهن. ان ۾ اچرج جي ڪابه ڳالهه نه آهي ته اهڙي قسم جي صورتحال سان ڪرپشن ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ پوليس پاران ادنگي رويي ۽ بي ضابطگين ۾ واڌارو اچي ٿو.

## پوليس ۾ تنظيمي عهدن بابت معاملا

پاڪستان ۾ پوليس فورس تنظيمي عهدن جي لحاظ سان پنهنجو ڪارونهوار هلائي ٿي پر بئي پاسي اهي ملڪ جتي پوليس سرشتو بهتر آهي اتي سينيئر آفيسرن جي پيٽ ۾ جونيئر آفيسر جو تناسب 1:3 ۽ 1:4 آهي جڏهن ته پاڪستان ۾ اهو 1:7 آهي. جڏهن ته پاڪستان ۾ 85 سيڪڙو پوليس فورس هيٺين رينڪ جي اهلڪارن جهڙوڪ سپاهين ۽ هيڊ ڪانسٽيبل تي ٻڌل آهي. پوليس ۾ ٿيندڙ ترقين جو غيرمناسب طريقيڪار پوليس جي حوصلي کي پست ڪري ڇڏيندو آهي. پوليس قيادت کي ان ڳالهه کي يقيني بنائڻ گهرجي ته مختلف سطحن تي ٿيندڙ سڌي پرتين کي اهڙي نموني سان ضابطي هيٺ آندو وڃي جيئن ڪنهن خاص رينڪ يا عهدي سان مت پيد نه رکي سگهجي يا انهن کي نقصان ٿئي.

سپاهي، اي ايس آءِ يا سب انسپيڪٽر يا اي ايس پي سطح تي ٿيندڙ پرتيون به پوليس جي اندرين هم آهنگي کي هاڃو رسائين ٿيون. جيئن ته وڏي انگ ۾ پوليس فورس جي انتظام ڪاري هڪ ڏکيو ڪم ٿيندو پيو وڃي، پوليس قيادت کي گهرجي ته اهي ان معاملي کي منهن ڏيڻ لاءِ بين القوامي معيار کي سامهون رکندي اثرائتو حل پيش ڪن ته جيئن فورس جو بهتر استعمال ڪري سگهجي. شايد هاڻي وقت اچي ويو آهي ته وي آءِ پي سيڪيورٽي تي مقرر 30 سيڪڙو پوليس جي انتظام لاءِ هر صوبي ۾ هڪ ڌار آءِ جي سيڪيورٽي مقرر ڪرڻ گهرجي. انهي آءِ جي سيڪيورٽي جو عهدو ايڊيشنل آءِ جي يا ڊي آءِ جي جي برابر هجڻ گهرجي. سندس تعليمي اهليت، سکيا ۽ پگهارن وارو پيڪيج به ٽاڻن تي پيشيوراڻا فرض انجام ڏيندڙ، وڌيڪ سکيا ورتل آپريشنل پوليس جي پيٽ ۾ گهٽ هجڻ گهرجي.

## ڳجهي معلومات بابت بي اثر سهڪار

ڏوهارين متعلق بنيادي ڳجهي ڇاڻ جو نيٽ ورڪ هر ٿاڻي سطح تي موجود آهي. پر افسوس آهي ته پوليس ۽ عوام وچ ۾ بهتر تعلقات نه هئڻ سبب ڳجهي معلومات جو عوام کان مقامي پوليس ٿائين پهچڻ جو سلسلو بيهجي ويو آهي. تنهن جي ڪري اهو بنهه ضروري آهي ته پوليس ٿاڻي جي بنياد کي ٻيهر تعمير ڪرڻ جي ضرورت آهي.

پوليس سان گڏوگڏ، انٽيليجنس بيورو (آءِ بي)، آءِ ايس آءِ، ايم آءِ ۽ صوبائي اسپيشل برانچ کي لاڳيتو بنيادن تي ڇاڻ گڏ ڪرڻ جي ذميواري ڏني ويئي آهي پر اهڙو ڪو سرشتو موجود نه آهي جو اهي ايجنسيون پاڻ ۾ ڳجهي معلومات هڪ ٻئي سان مٽاسٽا ڪن. تنهن جي ڪري مختلف ايجنسين کي مليل ڇاڻ جو اثرائتو استعمال نه ٿي سگهندو آهي. دهشتگردي جي چيلنج کي منهن ڏيڻ لاءِ

خاص طور تي معلومات گڏ ڪندڙ ادارن وچ ۾ سگهاري شراڪت جي گهرج آهي ته جيئن ڏوهارين ۽ دهشتگردن کي شڪست ڏيڻ جي گڏيل مقصد جي حاصلات لاءِ مختلف رخن ۾ چاڻ حاصل ٿي سگهي.

پوليس آرڊر 2002 تحت گهرو وزارت جي نيشنل پوليس بيورو ذريعي ڳجهي معلومات جڻ متاستا جو هڪ قانوني رستو فراهم ڪيو ويو هو. 2008 ۾ وزيراعظم سيڪريٽريٽ جي ماتحت قومي سلامتي جي صلاحڪار جو عهدو قائم ڪيو ويو هو. تازو ئي 18 مارچ 2014 تي پاڪستان ۾ سيڪيورٽي جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بنائڻ ۽ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي ڳجهي معلومات جي متاستا لاءِ وزيراعظم هدايت ڪئي ته نيڪتا جي ماتحت نيشنل انٽيليجنس ڊائريڪٽوريٽ (اين آءِ ايس) بنادير جوڙي وڃي پر نيڪتا اختياري کي قائم ڪرڻ جو ڪم اڳتي نه وڌي سگهيو ۽ ساڳي طرح ڳجهي معلومات وارو معاملو به رولڙي جو شڪار ٿي ويو.

## دهشتگردي جا معاملا

دهشتگردي هڪ اهڙو ڏوهه آهي جيڪو پاڪستان کي ڊگهي مدي کان اذيت ڏيئي پيو. 1977 کان شروع ٿيل الذوالفقار جي سياسي دهشتگردي لڳ ڀڳ 10 سالن تائين جاري رهي. نسلي سياسي شهري دهشتگردي ۽ فرقيوارانٽي دهشتگردي 1990 واري ڏهاڪي کان جاري آهي. جڏهن ته القاعده ۽ سندن حمايتي گروپن پاران 9/11 واري واقعي کانپوءِ ٿيندڙ دهشتگردي موت مار ثابت ٿي آهي.

پوليس سروس جي اڳوٽي آفيسر ۽ نيشنل ڊفينس يونيورسٽي واشنگٽن ڊي سي جي پروفيسر حسن عباس پاڪستان ۾ پوليس سرشتي تي ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. سندس پاران ٿيل تحقيق ۾ چيو ويو آهي ته دهشتگردي جي خاتمي واري مهم ۾ پوليس جو ڪردار بنيادي اهميت جو هجڻ گهرجي پر ڏنو ويو آهي ته امن امان جي مسئلن باوجود پاڪستاني رياست جي اندروني معاملن سبب ان مهم ۾ پوليس جي ڪردار کي گهربل اهميت نه ڏني ويئي. دهشتگردي جي خاتمي جي مهم ۾ پوليس جي مجبورين ۽ سندن ڪم ۾ رڪاوٽن جي مختلف رخن جو تجزيو ڪندي هن نتيجو اخذ ڪيو آهي ته قيادت جا معاملا، سياسي حمايت، اضافي وسيلا ۽ مالي ترغيبات جهڙا عنصر پوليس پاران ڪيل ڪامياب آپريشن جو نتيجو آهن. هن صلاح ڏني ته پوليس آرڊر 2002 تي مڪمل عمل درآمد، نيشنل پوليس بيورو جي اهليت ۾ اضافي ۽ چونڊ پوليس آفيسرن کي دهشتگردي جي خاتمي ۽ وڳوڙين سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ سکيا جو جوڳو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران ‘Policing: A Journal of Policy and Practice’ جي عنوان هيٺ هڪ تحقيقي جنرل جاري ڪيو ويو جنهن جو مقصد پوليس معاملن تي ڪم ڪندڙ تعليمي ماهرن، محقق ۽ پاليسي سازن کي موقف، پاليسين متعلق تجزيا، عمل، تقابلي بين الاقوامي ڪوششون ۽ ٿيندڙ قانوني ۽ سياسي تبديلين متعلق تحقيق فراهم ڪرڻ آهي. ان جو پهرين شمارو جيڪو 2007 ۾ شائع ٿيو انهي جو عنوان دهشتگردي هو. آمريڪا جي يونيورسٽي آف نيو جرسي جي پروفيسر رونالڊ وي ڪلارڪ ۽ يونيورسٽي آف نيويارڪ جي پروفيسر گرائيم آر نيومين ”پوليس ۽ دهشتگردي جي روڪ ٿام“ جي عنوان هيٺ هڪ گڏيل تحقيق ڪئي. تحقيق موجب قومي سلامتي جي ادارن وچ ۾ شراڪت، ڳجها ادارا ۽ مقامي پوليس

مستقبل ۾ دهشتگردي جي واقعن کي روڪڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا ۽ ان مقصد لاءِ پوليس جو ڪردار مرڪزي نوعيت جو هجڻ گهرجي. پوليس جو ڪردار تمام اهم آهي ڇاڪاڻ ته اهي مقامي طور دهشتگردي جي خطرن کي منهن ڏيڻ ۾ بهتر پوزيشن ۾ هوندا آهن. پوليس کي دهشتگردن جي امڪاني هدف جي ڄاڻ هوندي آهي ۽ اهي واقعي کان بعد سڀني کان پهرين منهن ڏيڻ واري فورس هوندي آهي. تحقيق ۾ وڌيڪ نتيجو اخذ ڪيو ويو آهي ته ڪميونٽي پوليس واري تصور ۾ توسيع ڳجهي معلومات جي مٽاسٽا ۽ عام ڏوهن وارين حالتن ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن. ان مقصد لاءِ پوليس فورس کي عام ڏوهن جي خاتمي، خدمتن جي فراهمي، ڄاڻ جي استعمال ۽ تجزئي ۽ سلامتي جي ٻين سرڪاري ۽ خانگي ايجنسين سان شراڪت تي زور ڀرڻ گهرجي. (ڪلارڪ ۽ نيومين 2007)

دهشتگردي جي خاتمي جي مهم گهٽي پاڳي گهڻ پاسائو ۽ گهڻ شِڪلي هوندي آهي ۽ هڪ نه پر ڪيترن ئي طريقن سان وڙهبي آهي. اسڪالرن دهشتگردي کي منهن ڏيڻ جي ٽن مختلف طريقن جي نشاندهي ڪئي آهي. جن ۾ هڪ، ڳالهين جو طريقو، ٻيو، ڪرمنل جسٽس سسٽم کي استعمال ڪندي قانون کي لاڳو ڪرڻ ۽ ٽيون فوجي آپريشن. اهي طريقا رڳو ڌار استعمال نٿا ڪري سگهجن پر گهڻو ڪري حالتن کي نظر ۾ رکندي هڪ ئي وقت ۾ گڏيل طور تي به ڪتب آڻي سگهجن ٿا. انهن ٽنهي طريقن کي نچوڙي يا گڏائي رهنمائي لاءِ هڪ پاليسي به جوڙي سگهجي ٿي، جن کي مختلف دهشگردي جي مهم خلاف مختلف سياسي ماحول ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. (ولڪنسن، 2001)

جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ فوج ۽ پيراملٽري فورس دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳين مورچن تي وڙهي رهيون آهن پر دهشتگردي تي ضابطو بنيادي طور تي پوليس جو ڪم آهي. جيڪڏهن پوليس بهتر طور تي سکيا ورتل ۽ وسيلن سان ليس هجي ته اها سخت ترين هدف کي نشانو بنائي سگهي ٿي ۽ جاچ ۽ پراسيڪيوشن ۽ تباهي کان اڳواٽ بچاءَ لاءِ وڌيڪ بهتر طريقي سان ڪم ڪري سگهي ٿي. ٿاڻي جي سطح تي موجود سنڌن ڳجهي معلومات جو نيٽ ورڪ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. پاڪستان جي پوليس دهشتگردن سان مهاڏو اٽڪائيندي انيڪ ۽ عظيم قربانيون ڏنيون آهن ۽ ڪيترين ئي جهڙپن ۾ سوڀ ماڻي آهي. اها وڌيڪ بهتر نتيجا ڏيئي سگهي ٿي. پوليس معاملن ۾ سياسي مداخلت، پيشيوراڻي ڪوٽ، اڻپورا وسيلا ۽ اڪثر ڪري نااهل قيادت ڪجهه اهڙا سبب آهن جو پوليس پنهنجي مينڊيٽ تي پورو نٿي لهي.

جيئن ته اڳي ٻڌايو ويو آهي ته دوستاڻي ملڪن کان فني سهڪار اسانجي پوليس فورس جي دهشتگردي کي منهن ڏيڻ واري اهليت ۾ اضافي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري پئي. اسان کي بين الاقوامي ڪميونٽي سان سگهاري شراڪت کي اڳتي وڌائڻ گهرجي ته جيئن پوليس جي اهليت ۾ اضافو ٿي سگهجي. خاص طور تي پوليس کي جديد بنيادن تي سکيا ۽ چونڊ پوليس آفيسرن کي پرڏيهه ۾ پيشيوراڻي ترقي جي پروگرام لاءِ اماڻڻ گهرجي.

## اين جي اوز ۽ سول سوسائٽي جو پوليس سڌارن ۾ ڪردار

سڄي دنيا ۾ پوليس سرشتو رياست جو تحفظ ڪندو آهي. جيئن ته اڳي چيو ويو آهي ته

پاڪستان جو پوليس سرشتو قديمي ۽ انگريز راڄ واري ماڊل جو تسلسل آهي، جنهن ۾ هنگامي بنيادن تي تبديلي آڻڻ جي گهرج آهي. اها تبديلي ايستائين نٿي اچي سگهي جيستائين ان ڪي ڏيهي ۽ پرڏيهي اين جي اوز، سول سوسائٽي، اخبارون ۽ ٽي وي، مقامي تنظيمون، مذهبي تنظيمون، خيراتي ادارا، ڇاڻ جي حقن لاءِ پتوڙيندڙ ڪارڪن، پروفيشنل تنظيمون، وڪيل، انساني حقن جون تنظيمون ۽ اهي جيڪي اقليتن ۽ پوئتي پيل ماڻهن جي حقن لاءِ وڙهي ورهيا آهن، جي مڪمل سهائتا حاصل نه هجي. سموريون اين جي اوز ۽ سول سوسائٽي تنظيمون اڪيلي سر منظم پوليس ۽ انصاف لاءِ سڌارا نٿيون آڻي سگهن ۽ نه ئي وري اهي پاليسي سازي لاءِ ايڊووڪيسي ڪري سگهن ٿيون.

اين جي اوز ۽ سول سوسائٽي ڪي پاليسي معاملن تي جاڳرتا پيدا ڪرڻ، پوليس معاملن تي بحث ڪرائڻ، پوليس جي ڪارڪردگي جانچڻ، پوليس جي غلط رويي ڪي وائکو ڪرڻ، پوليس ۾ شفافيت ۽ احتساب جي عمل جي گهر ڪرڻ ۽ سڌارن جي ڪم ڪي اڳڀرو ڪندي پوليس سرشتي ۾ موجود داغ ڪي ڌوئڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ميڊيا ڪي خاص طور تي پوليس ۾ بي ضابطگين ڪي وائکو ڪرڻ سان گڏوگڏ پوليس جي ڏکيائن ڪي به منظر تي آڻڻو پوندو ۽ پوليس جي تصور ڪي بهتر يا خراب انداز ۾ پيش ڪرڻو پوندو.

ڪيترائي طريقا آهن جنهن ذريعي پاڪستان ۾ جمهوري پوليس نظام جي ترقي لاءِ اين جي اوز سول سوسائٽي گڏجي ڪم ڪري سگهن ٿيون. جمهوري پوليس نظام ذريعي خدمتن جي فراهمي رڳو ڪميونٽي ڪي گڏ ڪٽي هلڻ سان آندل سڌارن تحت آڻي سگهجي ٿي. مقامي اين جي اوز جهڙوڪ Pakistan Institute of Legal Development (PILDAT), Centre for Peace and Development Initiative (CPDI), Pakistan Forum on Democratic Policing (PFDP), Transparency International Pakistan, Consumer Rights Commission of Pakistan (CRCP), ۽ ٻيون پرڏيهي اين جي اوز جهڙوڪ International Crisis Group, Asia Society, and Commonwealth Human Rights Initiative پاڪستان ۾ پوليس سڌارن جي ايجنڊا ڪي اڳتي وڌائي سگهن ٿيون. اڳيان وڌڻ جو هڪ ئي بهتر طريقو آهي ته سول سوسائٽي سان جٽادار شراڪت ڪي يقيني بنائجي.

## خراب پوليس سرشتي جون پيچيدگيون

آئين تحت پوليس وارو اسم صوبائي حڪومتن جي ذميواري آهي. صوبائي حڪومتن، پوليس ڪي سماج جو اهم جمهوري جزو بنائڻ بدران ڏاڪن تائين عدم استحڪام ۽ خوف لاءِ استعمال ڪيو آهي. سياسي ۽ ڪاموري مداخلت پوليس جي قابليت ۽ ڪارڪردگي ۾ وڏي رنڊڪ آهن ۽ انهي جي ڪري ئي پوليس غيرموثر ۽ بي راهه بڻيل آهي. سياسي طور تي ٺيندڙ پرتيون، مقررين ۽ ترقيون ، گهٽ مالي مراعتون ۽ احتساب جو ڪمزور اندريون ۽ ٻاهريون نظام ۽ پوليس جي سرشتي ۾ ڪرپشن ۽ اڻڱي رويي جا بنيادي سبب آهن ۽ جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو پوليس ۽ عوام وچ ۾ هڪ خال پيدا ٿي ويو ۽ پوليس عوام لاءِ ڏاري قوت بنجي ويئي آهي. چاڪاڻ ته بجيٽ ۾ ايترين رقمون موجود نه آهن جو پوليس عام ڪارونهوار به هلائي سگهي، ڪرپشن جا ذريعا انهي مالي

خال جو پورائو ڪن پيا. انهي ساڳي سبب ڪري ڪڏهن ڪڏهن پوليس ۽ ڏوهارين وچ ۾ باهمي مفاد جو رشتو قائم ٿي ويندو آهي. رشوت جي ڏي وٺ جاچ جي عمل ڪي متاثر ڪندي آهي ۽ پوليس پاران ڏوهارين ڪي آزاد ڪرڻ، سندن مدد ڪرڻ ۽ سنگين ڏوهن ڪي نظرانداز ڪرڻو پوندو آهي.

پوليس لاءِ ڪم ڪرڻ جو بدترين ماحول پڻ مايوسي ۽ پست حوصلي جو سبب بڻجندو آهي ۽ اداري جي تنظيمي تاثير تي منفي اثر وجهندو آهي. ائين ئي پوليس جي نگراني وارو معاملو سماجي تباهي جي ور چڙهي ويندو آهي. درحقيقت، پوليس جي غيراطمينان بخش ڪارڪردگي سبب قومي ڪي ڳري سياسي، سماجي ۽ اقتصادي قيمت ادا ڪرڻي پئي آهي.

1947 ڪان وٺي عملي طور تي ٿاڻي ڪلچر ۽ پوليس قانون ۾ سڌارن ۾ ڪا تبديلي نه آندي ويئي آهي ۽ پوليس هڪ اهڙو خطرناڪ ۽ نامناسب وسيلو بنجي ويئي آهي جيڪا ملڪ جي بانبڙا پائيندڙ جمهوريت ڪي ڇيهو رسائي پئي. ماضي ۾ امن امان جي صورحال ڪي غلط طريقي سان منهن ڏيڻ، فوجي مارشل لائون مڙهڻ جو وڏو سبب رهيو آهي. رينجرز جي ڪراچي ۾ غيرضروري طور ڊگهي مقرري ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته امن امان جي ذميواري لاءِ رڳو پوليس تي نٿو ڀاڙي سگهجي.

قانون لاڳو ڪرڻ ۾ بهتري بابت عوام جي ڳڻتي اڳي ڪان وڌيل آهي. ان ڏس ۾ رياست، خانگي شعبو ۽ سول سوسائٽي پاران گڏيل ڪوشش جي ضرورت ڪي مجيو پيو وڃي. شراڪت ۽ گڏيل اتحاد ۽ لاڳاپيل شعبن ڪي شريڪ ڪرڻ ڪانسواءِ عام ماڻهن جي زندگي ۾ بهتري جي اميد نه ڪرڻ گهرجي. هڪ روشن خيال ۽ پرخلوص سياسي قيادت، وڏي پيماني تي عوامي جاڳرتا ۽ حمايت ۽ قائل ٿيل خانگي شعبو تبديلي جو اٽڙ اهڃاڻ آهن ۽ سول سوسائٽي جيڪا قانون جي عملداري جي اعلي معيار ۽ گهر ڪري ٿي.

قانون لاڳو ڪرڻ ۾ ناڪامي ۽ پوليس جي تنظيمي وسيلن جي کوٽ واري معاملن ڪي هڪ ٻئي سان تعلق تي بحث ڪرڻ بدران جمهوري پوليس سرشتي تي ڳالهائڻ وقت جو زيان هوندو. جيڪڏهن اهڙي پوليس جيڪا قانون جي عملداري ڪي اڳتي ڪٽي هلڻ چاهي ٿي ۽ اهو سلسلو روڪيو وڃي ٿو ته پوءِ ان تي خالي بحث اسان ڪي ڪنهن منزل ڏانهن نه وٺي ويندو. جيڪڏهن ڪا گاڏي اڳتي هلڻ جهڙي نه هجي ته پوءِ منزل جو تعين بيڪار آهي، ڇاڪاڻ ته اسان اها ماڻي نه سگهنداسين. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته پوليس ڪي پاڪستان جي استحڪام ۽ سلامتي لاءِ مڪمل ڪتب آڻجي.

گذريل 60 سالن ۾ عوامي موقف جوڙيندڙ اڳواڻ وڌندڙ پوليس بحران ڪي روايتي طريقن ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ پوليس تي الزام مڙهي رهيا هئا. انهن پوليس ۾ تبديلي جي ايجنڊا جي حمايت ڪرڻ بدران ان ڪي اختيارن جي ناجائز استعمال ۽ ڪرپشن سب سخت تنقيد جو نشانو بڻايو. دير سان ئي صحيح، پوليس سڌارن واري بحث سنجيده ۽ وسيع رخ اختيار ڪندي نظر اچي پئي. انهي تبديلي لاءِ ميڊيا ذريعي ڌيان ڇڪرايو وڃي پيو. رڳو دليل ڪي يا ماضي جيان منجهيل معاملن ڪي اهميت ڏيڻ سان معاملا خرابي ڏانهن هليا ويا ۽ بامقصد سوچ آڏو رنڊڪ وڌي ويئي پر هاڻي وقت اچي ويو آهي ته پوليس سڌارن واري معاملي ڪي عوامي مفاد،

ٿڌي دل ۽ مثبت سوچ سان حل ڪجي. اسان ڪيسٽائين مختلف مفاد جي گروپن جي حق ۾ قانون جي عملداري جي قرباني ڏيندا رهندا سين.

## علائقائي ۽ بين الاقوامي سطح تي ورتل بهتر ڪوششون

ڪابه تنظيم ڪجهه اصولن جي بنياد تي جوڙي ويندي آهي جيڪي سندس مول ۾ متا هوندا آهن. پوليس جهڙي تنظيم جا به ڪي اصول آهن جيڪي سندن فرضن جي ادائيگي دوران مشاهدو ڪيا ويندا آهن. مختلف تنظيمن ۾ ماڻهن وقت جي ضرورتن جي لحاظ سان اصول طئي ڪيا آهن. اهي اصول عالمي سطح تي ورتل بهتر ڪوششن ڪي سامهون رکندي پوليس جي ڪردار، ڪارونهوار، فرضن ۽ ذميوارين تي ٻڌل هوندا آهن.

## پيليان (Peelian) جا اصول

سر رابرٽ پيل لندن ميٽروپوليٽن پوليس جو باني هو ۽ جيڪو بعد ۾ برطانيه جو وزيراعظم بڻيو. 1829 ۾ لندن شهر لاءِ مثالي پوليس سرشتو تجويز ڪندي هن 9 بنيادي اصول ڏنا. اهي اصول ڪجهه هن ريت آهن.

1. ڏوهن جي روڪ ٿام ۽ امن امان برقرار رکڻ پوليس جو بنيادي مشن آهي جنهن لاءِ اها فوج جي متبادل طور قائم ڪئي ويئي آهي.
2. پوليس جي اختيار ۽ فرض جي ادائيگي سندس عمل ۽ ڪارڪردگي جي مڃتا جي حاصلات لاءِ عوامي اعتماد تي پاڙي ٿي.
3. پوليس عملن جي عوامي حمايت ۽ مان جي حاصلات رڳو ان صورت ۾ حاصل ٿي سگهي ٿي جڏهن عوام پاران رضاڪاراڻي طور تي قانون جي عملداري جو مشاهدو ۽ سهڪار ڪيو وڃي.
4. پوليس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ نفري جو جسماني استعمال عوامي سهڪار ڪي گهٽ ڪري ڇڏيندو آهي.
5. پوليس ڪي عوامي حمايت سندن موقف ڪي اڻ ٻڌو ڪرڻ سان نه حاصل ٿيندي آهي بلڪه قانون جي عملداري جو اڻ ڏريو ۽ لاڳيتو نماءُ، سندن حيثيت ڪان مٿانهون ٿي معاشري جي سمورن طبقن سان دوستاڻو رويو، نوڙت، ڪِل پوڳ ۽ سندن زندگين ڪي تحفظ ڏيڻ لاءِ قرباني ڏيڻ سان ممڪن ڪري سگهجي آهي.
6. پوليس جسماني نفري جو استعمال رڳو تڏهن ڪندي آهي جڏهن امن امان برقرار رکڻ ۽ عوامي سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ صلاح، لاڳيتو قائل ڪرڻ ۽ چتاءُ جا طريقا ناڪام ٿي ويندا آهن. ضرورت پوڻ تي گهٽ ۾ گهٽ سگهه جو استعمال ڪندي پوليس پنهنجا مقصد حاصل ڪري سگهي ٿي.
7. عوام سان سدائين بهتر تعلقات رکڻ لاءِ ان تاريخي روايت ڪي برقرار رکڻو پوندو ته عوام پوليس آهي ۽ پوليس عوام آهي. پوليس عوام جو اهو حصو آهي جيڪو سندن تحفظ ڪرڻ، مفاد ۽ ڀلائي لاءِ پنهنجي فرضن جي ادائيگي جو اجورو وٺندي آهي.
8. پوليس ڪي پنهنجي انتظامي ڪارونهوار جي سختي سان پوئيواري ڪرڻي پوندي ۽ عدالتي اختيارن ڪي صلب ڪرڻ، ڏوهاري ڪي پاڻمرادو

انصاف ۽ سزا ڏيڻ کان مڪمل پاسيرو ٿيڻو پوندو.

9. پوليس جو ٽيسٽ ان تان ئي ثابت نه ٿيندو آهي ته اهي پنهنجي ظاهري عمل سان امن برقرار رکن پيا پر ان سان ٿيندو آهي ته سندن علائقي ۾ ڏوهه ناهن ۽ امن امان برقرار آهي. (چوڌري 1997)

## سر رابرٽ مارڪ جا اصول

سر رابرٽ مارڪ (1970)، لنڊن ميٽروپوليٽن پوليس جو ڪمشنر هو. ”سياسي مداخلت مان آئيني آزادي جي ڊگهي روايت“ واري اصول جي دعوي ڪندي هن چيو هو ته:

”پوليس ڪنهن به سطح تي حڪومت جي ملازم ناهي. اسان ڪنهن وزير يا ڪنهن سياسي پارٽي يا حڪومتي پارٽي جي حڪم تي عمل ناهيون ڪندا. اسان پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهيون

## گڏيل قومن پاران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ جوڙيل ضابطا

آرٽيڪل 1

قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار عوام جي خدمت ۽ انهن جو سمورن غيرقانوني عملن کان بچاءُ ڪندي قانون تحت پابند ڪيل فرضن جي ادائيگي ڪي هر وقت يقيني بنائيندا ۽ ان دوران هو پنهنجي پيشيوراڻي فرض جو اعلي مظاهرو ڪندا.

آرٽيڪل 2

قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار پنهنجي فرضن جي ادائيگي دوران انساني وقار کي مان ڏيندا ۽ انهي جو تحفظ ڪندا ۽ سمورن ماڻهن جي انساني حقن کي اتم سمجهندا.

آرٽيڪل 3

قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار پوليس سگهه جو استعمال رڳو تڏهن ڪندا جڏهن ان جي ضرورت اٽڪر ۽ پنهنجي فرضن جي ادائيگي ۾ بنهه ضروري هجي.

آرٽيڪل 4

قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن وٽ موجود ڳجهي قسم جي ڄاڻ متعلق معاملن کي ان وقت تائين ڳجهو رکيو ويندو، جيستائين انصاف جي فراهمي لاءِ ان جي انتهائي گهرج آهي.

آرٽيڪل 5

ڪو به قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار ڪنهن به قسم جي تشدد يا ظلم، غير انساني، جسماني سزا يا ڪڌي عمل کي نه برداشت ڪندو ۽ نه ئي چوريندو يا لاڳو ڪندو. اهلڪار پنهنجي فرضن جي ادائيگي دوران انساني وقار کي مان ڏيندا ۽ انهي جو تحفظ ڪندا ۽ سمورن ماڻهن جي انساني حقن کي اتم سمجهندا. اهلڪار خاص حالتن جهڙوڪ جنگيون، ايمرجنسي، قومي سلامتي جي خطري، ملڪي سياسي عدم استحڪام يا ٻئي ڪنهن به ايمرجنسي جي حالت ۾ پاڻمرادو يا پنهنجي سينيئر آفيسر جي حڪم تي ڪنهن به قسم جي تشدد يا ظلم، غير انساني، جسماني سزا يا ڪڌي عمل کي جواز نه بنائيندو.

آرٽيڪل 6

قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار حراست ۾ ورتل ڪنهن به شخص جي صحت جي حفاظت ڪندو

## اڳيان وڌڻ جو رستو

۽ خاص طور تي صحت جي خرابي جي صورت ۾ ضرورت پوڻ تي بنادير طبي امداد طلب ڪندو.

آرٽيڪل 7
قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار ڪنهن به قسم جي ڪرپشن جو ڪوبه عمل به ڪندو بالڪه اهڙي قسم جي عمل جي سختي سان مخالفت ڪندو ۽ ان سان مهاڏو اٽڪائيندو.

آرٽيڪل 8
قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار قانون ۽ لاڳو ضابطي جي پوئيواري ڪندو ۽ هو پنهنجي مڪمل اهليت آهر قانون جي لتاڙ جي سختي سان مخالفت ڪندو ۽ انهي جو تحفظ ڪندو.

آرٽيڪل 9
اهي قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار جيڪي ان ڳالهه تي يقين رکن ٿا ته لاڳو ضابطي ۽ قاعدن جي ڀڃڪڙي ٿي چڪي آهي يا ٿيڻ تي آهي تو ان معاملي کي پنهنجي سينيئر وٽ رپورٽ ڪندا ۽ ضروت پوڻ تي مناسب لاڳاپيل اختيارين يا ادارن سان رابطو ڪندا جن وٽ ان معاملي جي حل جا اختيار آهن.

بوسنيا هرزيگووينا واري تڪرار دوران امن برقرار رکندڙ فورسز يورپين يونين، گڏيل قومن ۽ پين اسٽيڪ هولڊرز آمريڪي رياست اوهايو جي شهر ينگس ٽائون ۾ گڏ ٿيا ۽ ملڪ ۾ امڪاني نئين پوليس فورس جي قيام بابت بحث ڪيو ويو. ان بحث بعد نتيجي طور هڪ ٺاهه سامهون آيو جنهن کي ”ينگس ٽائون ٺاهه“ چيو ويندو آهي. انهي ٺاهه جي ست نڪتن تي ٻڌل اصولن کي رهنما اصول قرار ڏنو ويو ۽ دنيا جي مختلف جمهوريتن ۾ لاڳو ڪرڻ تي زور ڀريو ويو. انهن اصولن کي ”جمهوري پوليس نظام جا اصول“ سڏيو ويندو آهي. اهي اصول ڪجهه هن ريت آهن.

1. پوليس کي جمهوري اصولن پٺاندڙ پنهنجو ڪارونهوار هلائڻو پوندو
2. عوامي اعتماد جي حاصلات جي ڪوشش لاءِ پوليس کي پيشيوراڻو رويو اختيار ڪرڻو پوندو ۽ سندن سمورا عمل جوڙيل پيشيوراڻي ضابطي هيٺ ڪيا ويندا
3. پوليس کي انساني زندگي جي تحفظ کي پهرين ترجيح ڏيڻي پوندي
4. پوليس کي عوام جي خدمت ڪرڻي پوندي ۽ هو انهن آڏو ئي جوابدي هوندا
5. عوام کي اهو تسليم ڪرڻ گهرجي ته زندگي ۽ جائيداد جو تحفظ پوليس آپريشن جو بنيادي ڪم آهي
6. پوليس کي پنهنجو ڪارونهوار انساني وقار ۽ حقن کي نظر ۾ رکندي هلائڻ گهرجي
7. پوليس کي پنهنجو فرض بنامت پيد جي اڻ ڏريو ٿي ادا ڪرڻ گهرجي (ٽراوس، 2000)

## جمهوري پوليس نظام جا اصول

پوليس جي مدي خارج ڍانچي کي تبديل ڪرڻ، جديديت جي چيلنجز کي منهن ڏيڻ ۽ سندن اخلاقي ۽ پيشيوراڻي ترقي لاءِ پاڪستان کي هڪ منظم پوليس سرشتي جي گهرج آهي جيڪو سياسي طور تي اڻ ڏريو، پيشيوراڻي طور اهل، غيرآمريتي، جوابدي ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ سميت قانون جي عملداري جو پابند هجي.

پوليس سرشتي جي بنيادن کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ حڪومت انگريز راڄ ۽ آپيشاهي تي ٻڌل پوليس ايڪٽ 1861 کي ختم ڪيو ڇاڪاڻ ته اهو نظام قانون جي حڪمراني ۽ عملداري بدران بيٺڪيت کي سگهارو ڪرڻ لاءِ هو. پوليس آرڊر 2002 پوليس کي غيرسياسي ڪرڻ، پرتين جي اهليت جي بنياد تي ڪرڻ، پوليس جي پيشيوراڻي اهليت ۾ اضافو، ڪيريئر ۾ ترقي ۽ پوليس کي عوام آڏو جوابدي ڪرڻ جو قانون آهي. جيڪڏهن ان تي درست نموني عمل ڪيو وڃي ته آندل پوليس سڌارا پوليس جي معيار ۾ بنيادي تبديلي آڻي سگهن ٿا ۽ پوليس کي عوام دوست ۽ خاص طور تي غريبن ۽ پوئتي پيل طبقي جي خدمت ڪندڙ اداري ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.

پوليس آرڊر 2002 تي عمل درآمد سدائين هڪ ڏکيو ڪم رهيو آهي ڇاڪاڻ ته (1) صوبائي ڪامورن هن قانون کي ڪڏهن به قبول نه ڪيو هو ۽ (2) خود پوليس قيادت ان قانون جي حوالي سان انتهائي مايوسي جو شڪار هئي.پوليس سڌارن کي پنهنجي رستي تي آڻڻ لاءِ خودپسند سياستدانن، واپارين، ڪامورن ۽ اسٽيٽس ڪو قائم رکندڙ ٻين قوتن کي جلد يا دير سان پر عمل ڪرڻو پوندو. رڳو وقت ٻڌائيندو.

پر ڇا پوليس سڌارا ڪرمنل ڪسٽس نظام کي بهتر ڪرڻ يا وسيع قانوني روايت ڪانسواءِ آڻي سگهجن ٿا؟ پوليس سڌارن لاءِ به ڪابه ڪامياب حڪمت عملي حڪومتي ڍانچي، وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۽ صوبائي ۽ ضلعي حڪومتن وچ ۾ توازن، عدليه جي ڪردار، فوج ۽ سياسي پارٽين جو ملڪ جي انتظامي معاملن ۾ ڪردار، سرڪاري ۽ بچاءُ واري وڪيلن جو ڪردار، پوليس جي کهڙي نموني سان پيشيوراڻي نموني قيادت ڪري سگهجي ٿي، پوليس جو مينڊيٽ ڇا آهي ۽ پوليس جي حيثيت کي عوام مخالف واري تصور مان ٻاهر آڻي ڪميونٽي ۽ عوام دوست بنائڻ واري سنجيده ڪوششن سان سلهاڙيل آهي. انهي سان گڏوگڏ اهو پڻ ضروري آهي ته سماج جي نوس خاصيتن جهڙوڪ سماجي ڍانچي ۽ ثقافتي اميدن کي به سامهون رکيو وڃي.

آخر ۾ پوليس سرشتي کي نئون ڪرڻ جي ڏس ۾ پاڪستان جي سياسي ۽ پوليس قيادت کي ان حقيقت کي مڃڻو پوندو ته جيڪڏهن پوليس کي اثرائتو بنائڻو آهي ته انهن کي عوام جي اميدن ۽ توقعات تي پورو لهڻو پوندو. تاريخي طور تي ان سلسلي ۾ سينيئر پوليس آفيسرن پاران پوليس فورس کي بنيادي طور تي هڪ تنظيم ۽ اداري طور بنائڻ ۾ ڪا دلچسپي نه هئي. معاملن کي ٺيڪ ڪرڻ ۽ بهتري آڻڻ ۾ روايتي غلطيون ڪندي پوليس سڌارن جي پيچيدگي، خراب انتظام ۽ نااهل قيادت پويان لڪڻ جو لاڙو ختم ڪرڻو پوندو. مستقبل جي پوليس کي ورهايل بصيرت واري مشن هيٺ بنائڻو پوندو، جيڪا عوام جي اميدن تي پورو لهي سگهي. شهري سڀ کان پهرين وارو تصور بنا ڪنهن شڪ جي پوليس بابت عوام جي اعتماد ۾ اضافو ڪندو. پوليس قيادت کي عوامي تحفظ ۾ اضافي جي عزم ۽ پوليس کي

جوابدي بنائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هيٺيان مقصد حاصل ڪرڻا پوندا.

1. اهم پوليس عهدن تي مقرري واري مدي جو تحفظ
2. پوليس کي غير سياسي ڪرڻ
3. پوليس جي اهليت ۾ اضافي لاءِ مناسب وسيلن جي فراهمي
4. پوليس خاص طور تي هيٺين رينڪ واري عملي جي پيشيوراڻي ماحول ۾ غيرمعمولي تبديلي
5. گهربل پوليس بجيٽ جي فراهمي
6. پوليس کي عوام کي ڊيڄاريندڙ اداري مان عوام دوست ۽ خدمت ڪندڙ اداري ۾ تبديل ڪرڻ

آخر ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي جديد بنائڻ پاڪستان جو سيني ڪان وڏو چيلنج آهي. اهڙو مقصد جيڪو حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ حاصل ڪرڻ گهرجي. ان جو ڪوبه شارٽ ڪٽ ۽ سولو رستو ناهي. جيئن ته قديم چيني چوڻي آهي ته ”هزارين ميلن جو ڊگهي سفر جي شروعات پهرين وکَ کان ٿيندي آهي.“ خوشقسمتي سان پوليس آرڊر 2002 ان ڏس ۾ پهرين وک طور سامهون اچي چڪو آهي. اسان کي اهڙي سياسي خواهش ۽ پوليس قيادت جي مثبت نيت جي گهرج آهي جيڪا انهي منزل کي بنا ڪو لمحو ضائع ڪندي حاصل ڪري سگهي.

# حوالا

Abbas, Hassan (2009), "*Role of Pakistan Police in Counterinsurgency*", *Brookings* Counterinsurgency and Pakistan Paper Series. (No. 5). Washington, DC. www.brookings.edu
Abbas, Hassan (2009), "*Police and Law Enforcement Reform in Pakistan: Crucial for Counterinsurgency and Counterterrorism Success*", Institute for Social Police and Understanding.www.ispu.org/files/PDFs/ISPU%20%20police%20reforms%20in%20Pakistan%20Report.pdf
Abbas, Hassan (2012), "*Stabilizing Pakistan Through Police Reform*", Asia Society. www.asiasociety.org/policy/publications
Arnold, D. (1986), "*Police Powers in Colonial Rule: Madras 1859-1947", (Oxford: Oxford University Press)*
Barrat, Sir Richard*, "Aspects of Policing in Pakistan", 1990*
Bayley, D. H. (1985)*, "Patterns of Policing: A Comparative International Analysis"(New Brunswick: Rutgers University Press)*
Bayley, D. H. (1991)*, "Forces of Order: Policing Modern Japan" (Berkeley: University of California Press)*
Butler, A. J. P. (1992), *"Police Management", (Aldershot: Dartmouth Publishing Company Ltd.)*
Clarke, Ronald V. and Newman, Graeme R. (2007), 'Police and the Prevention of Terrorism' in *Policing: A Journal of Policy and Practice* (Oxford University Press)
*Constabulary (Ireland) Act, CIII of 1822*
*Constabulary (Ireland) Act, XIII of 1836*
Griffiths, Sir P. (1971)*, "To Guard My People: The History of the Indian Police" (London: Benn)*
Gupta, A. (1974)*, "Crime and Police in India "(up to 1861) (Agra: Sahitya Bhawan)*
Gupta, A. (1979)*, "The Police in British India, 1861-1947"(New Delhi: Concept Publishing Company)*
Jeffries, S. C. (1952)*, "The Colonial Police" (London: Max Parrish)*
Mark, Sir R. (1977), "*Policing a Perplexed Society"* (London: Allen and Unwin)
Mawby, R. I. (1990), *"Comparative Policing Issues" (London: Unwin Hyman)*
*Metropolitan Police (London) Act, XLIV of 1829*
Misra, B. B. (1959), *"The Central Administration of the East India Company", 1773-1834 (Manchester: Manchester University Press)*
Napier, Sir W. (1851), *"History of General Sir Charles Napier's Administration of Scinde" (London: Chapman and Hall)*
Newburn, Tim (ed.) (2003), "*Handbook of Policing"* (Devon, UK: Willan Publishing)
*Police Act of 1861*
*Police Committee Report, 1985* (Islamabad: Government of Pakistan)
*Police Reforms Implementation Committee Report, 1990* (Islamabad: Government of Pakistan)
*Report of the Colombian Mission, 1999* (Karachi: CPLC)
*Report of the Indian Police Commission, 1902-3*
*Report of the UN Mission to Pakistan: Organized Crime, 1995* (Islamabad: UNDCP)
Suddle, Dr. Muhammad Shoaib (2002), "*Reforming Pakistan Police: An Overview"*. 120th International Senior Seminar on "Effective Administration of Police and Prosecution in Criminal Justice", Annual Report: United Nations Asia and Far East Institute for the Prevention of Crime, Tokyo www.unafei.or.jp/english/pdf/PDF_rms/no60/ch05.pdf
Suddle, Dr. Muhammad Shoaib (2007), *Reinventing the Anachronistic Police Organisation of Pakistan*, Asian Development Bank Publication: 2007
Suddle, Dr. Muhammad Shoaib (2008), *Reforming Pakistan Police,* International Crisis Group: Asia Report N 157
Suddle, Dr. Muhammad Shoaib, 'Obstacles to Reform' in Abbas, Hassan (ed.) (2012), *Stabilizing Pakistan Through Police Reform*, Asia Society
Stead (ed.), *Pioneers in Policing* (Maidenhead: Patterson Smith), pp. 241-61
*The City of Karachi Police Act (XXV of 1948)*
*The New Encyclopaedia Britannica, 15th edition, vol. 25*
Tobias, J. J. (1977), 'The British Colonial Police: An Alternative Police Style', in P. J.
Travis, Jeremy (2000), "Policing in Transition" in *Police Practices & Research: An International Journal,* 1(1): pp 31-40.
Wilk, Paul (1986), *Terrorism and the Liberal State (Second Edition)*, (New York: New York University Press)
Wilkinson, Paul. (2011), *Terrorism versus Democracy: The liberal state response (Third Edition)*, (Abingdon, UK:

Rutledge, Taylor and Francis Group)
Population Statistics for Countries, Administrative Areas, Cities and Agglomerations – Interactive Maps and Charts www.citypopulation.de/Pakistan-20T.html
Punjab Police Official Website www.punjabpolice.gov.pk/
Sindh Police Official Website www.sindhpolice.gov.pk/
Khyber Pakhtunkhwa Police Official Website www.kppolice.gov.pk/
Balochistan Police Official Website www.balochistanpolice.gov.pk/
Dogar Arshad, *Rs87.9b allocated for Punjab police*, The News, Published June 13, 2015 *http://www.thenews.com.pk/Todays-News-5-323322-Rs879b-allocated-for-Punjab-police*
*Salient features of Sindh budget 2015-16, The Business Recorder, Published June 13, 2015, http://www.brecorder.com/top-news/1/245673-salient-features-of-sindh-budget-2015-16.html*
*Spending on security: Major chunk of police budget goes to salaries yet again, Pakistan Federal Budget, Published June 16, 2015 http://budget.par.com.pk/news/spending-on-security-major-chunk-of-police-budget-goes-to-salaries-yet-again/*
The Balochistan Times, *http://dailybalochistantimes.com/%EF%BB%BFover-rs-229-billionbalochistanbudget-2015-16-approved/*

# ضميمو الف
# پاڪستان ۾ آندل مک پوليس سڌارا

1. 1948: Passage of Bill to introduce Metropolitan System of Policing in Karachi
2. 1951: Recommendations of Sir Oliver Gilbert Grace, IG Police, NWFP
3. 1961: Police Commission headed by Mr Justice J.B. Constantine
4. 1962: Pay & Services Reorganisation Committee (Justice Cornelius)
5. 1970: Police Commission headed by Major General A.O. Mitha
6. 1976: Police Station Enquiry Committee headed by M.A.K. Chaudhry, IG Police
7. 1976: Law and Order sub-committee headed by Ch. Fazal Haque
8. 1976: Police Reforms Committee headed by Mr. Rafi Raza
9. 1981: Orakzai Committee on Police Welfare, Promotion and Seniority Rules
10. 1982: Cabinet Committee on the Emoluments of SHO
11. 1983: Cabinet Committee on Determining the Status of SHO
12. 1983: Sahibzada Rauf Ali Committee
13. 1985: The Police Committee headed by Mr. Aslam Hayat
14. 1987: Report of the two-member delegation's visit to Bangladesh and India
15. 1989: Report of the seven-member delegation's visit to Bangladesh and India
16. 1990: Report of the four-member British delegation headed by Sir Richard Barrat, Her Majesty's Chief Inspector of Constabulary
17. 1990: Police Reforms Implementation Committee – M.A.K. Chaudhary
18. 1995: Report of the UN Mission on Organised Crime in Pakistan
19. 1996: Report of the Japanese Police Delegation on the Police System in Pakistan
20. 1997: Committee on Police Reforms under the Chairmanship of Interior Minister
21. 1998: Report of the Good Governance Group on Police Reforms
22. 1999: Report of the Colombian Mission
23. 2000: Report of the Focal Group on Police Reforms: Ministry of Interior
24. 2002: Police Order 2002
25. 2004: Police Order (Amendment) Ordinance 2004

پلڈاٹ
پاکستان انسٹیٹیوٹ آف
لیجسلیٹو ڈویلپمنٹ
اینڈ ٹرانسپیرنسی

اسلام آباد آفیس: پي او باكس نمبر 278، ايف ايٹ، پوسٹل كوڈ 44220، اسلام آباد، پاكستان
لاهور آفيس: پي او باكس 11098، ايل سي سي ايچ ايس، پوسٹل كوڈ 54792، لاهور، پاكستان
اي ميل info@pildat.org ويب سائيٹ www.pildat.org